ABC Certified
Reg No 2677
روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
ڪراچي
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8 www.dailysindhyar.com
جلد :12 | آچر 07 اپريل 2024ع بمطابق 27 رمضان المبارڪ 1445ھ | شمارو:179 | قيمت 10 رپيا

نريندر مودي جي اها ئي پاليسي آهي، ڀارت پاڪستان ۾ هران شهري کي قتل ڪندو جيڪو سنڌن ملڪ ۾ ڪنهن به قسم جي دهشتگرد ڪارروائي ۾ ملوث رهيو آهي: راجنات

ڀارتي بچاءُ واري وزير پاران پاڪستاني شهرين جي قتل جو اعتراف، پاڪستان جو سخت ردعمل

25 جنوري 2024ع تي پاڪستان ڀارتي مداخلت جا ترديد نه ڪرڻ جوڳا ثبوت فراهم ڪيا، هي پاڪستان ۾ ڀارت جي عدالت کان متاهين ۽ عالمي قتل عام جي مهر جو واضح ثبوت آهي: پرڏيهي وزارت

ڀارت طرفان وڌيڪ شهرين کي نشانو بڻائڻ جي دعويٰ واضح طور ڏوهه جو اعتراف آهي، عالمي برادري کي ڀارت جي هن ڪريل ۽ غيرقانوني قدم جو جو پڇاڻو ڪرڻ گهرجي

پاڪستان ڪنهن به اڳرائي خلاف پنهنجي خودمختاري جي تحفظ لاءِ مڪمل پرعزم آهي، فيبروري 2019ع تي به ڀارت کي اڳرائي تي سخت ردعمل کي منهن ڏيڻو پيو هو

ڀارت جي حڪمراني جو نظام چڙڏياريندڙ بيان بازي جو سهارو وٺي انتهائي قومپرستي جي جذبي کي هوا ڏيندو آهي، چونڊن ۾ فائدو حاصل ڪرڻ لاءِ اهڙي طرح جون ڳالهيون ڪري ناجائز فائدو ورتو ويندو آهي

پاڪستان هميشه خطي ۾ امن لاءِ پنهنجي عزم جو ثبوت ڏنو آهي، سنڌن امن جي خواهش کي غلط نه سمجهيو وڃي، تاريخ پاڪستان جي پختي عزم ۽ ڀرپور بچاءُ جي صلاحيت جي شاهد آهي

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان ڀارتي بچاءُ واري وزير جي بيان کي دهشتگرديءَ جو اعتراف قرار ڏئي ڇڏيو، پرڏيهي آفيس جي ترجمان ممتاز زهرا بلوچ جو چوڻ آهي ته ڀارتي بچاءُ واري وزير پاڪستاني شهرين جي قتل جو اعتراف ڪيو عالمي برادري کي غير قانوني قدمن تي ڀارت کان پڇاڻو ڪرڻ گهرجي. پاڪستان ڀارت جي پاڪستاني شهرين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20


اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف سان استنبول جو وفد ملاقات ڪندي

آءِ ايم ايف پيڪيج کان اڳ وزيراعظم آفيس جي آفيسرن لاءِ 4 اضافي پگهارن جي منظوري

اسلام آباد (م ڊ) آءِ ايم ايف پيڪيج کان اڳ وزيراعظم آفيس جي آفيسرن لاءِ 4 اضافي پگهارن جي منظوري ڏني وئي آهي. ڊيفالٽ کان بچڻ لاءِ آءِ ايم ايف کان نئين بيل آئوٽ پيڪيج جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

وزيراعظم ٽن ڏينهن جي سرڪاري دوري تي سعودي عرب پهچي ويو

شهباز شريف ۽ وزيراعلي پنجاب مريم نواز سميت 31 ڄڻن تي ٻڌل وفد روانو ٿيو

وزيراعظم سعودي ولي عهد سان ملاقات ۾ ڪيس پاڪستان جي دوري جي دعوت ڏيندو

اسلام آباد (م ڊ) وزيراعظم شهباز شريف وفد سان گڏ ٽن ڏينهن جي سرڪاري دوري تي سعودي عرب پهچي وين وزيراعظم پي آءِ اي جي اڏام پي ڪي 859 ذريعي لاهور کان مديني شريف روانو ٿيو. وزيراعظم ۽ وزيراعليٰ پنجاب مريم نواز /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08


وفاقي وزير خواجا آصف

ڀارتين کي خيرات ۾ پائيلٽ موٽائي ڏنو، راجنات ڀيڪيون هڻڻ ڇڏي ڏي: خواجا آصف

اليڪشن جي چڪر ۾ ڀارت اهڙي حرڪت نه ڪري جنهن جو بعد ۾ ان کي نتيجو ڀوڳڻو پوي

ڪجهه سال اڳ ڀارت پاڪستان ۾ گهڙڻ ڪارروائي جي ڪوشش ڪئي ان جو انجام ڪهڙو ٿيو هو؟

اسلام آباد (م ڊ) بچاءُ واري وزير خواجا آصف ڀارت کي بيان بازي ۾ محتاط رهڻ جو مشورو ڏئي ڇڏيو. نجي ٽي وي چئنل سان ڳالهائيندي خواجا آصف چيو ته راجناٿ ڀارت ۾ چونڊ مهم جي ڪري ڀيڪيون پيو هڻي، پر اليڪشن جي چڪر ۾ ڀارت اهڙي حرڪت نه ڪري جنهن جو بعد ۾ ان کي نتيجو ڀوڳڻو پوي. هن ڀارت کي بيان بازي ۾ محتاط رهڻ جو مشورو ڏيندي چيو ته ڪجهه /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

اسان جا ڪجهه ماڻهو مخالفن سان رابطي ۾ رهي پارٽي ٽوڙڻ چاهين ٿا: عمران خان

حڪومت ڪيرائڻ باوجود به پيرا جنرل باجوا سان ملي سگهان ٿو ته ڪنهن سان به ملي سگهان ٿو

هن وقت منهنجي ذات جو نه پاڪستان جو ايشو آهي، جنرل باجوه اسان کي پٺي ۾ ڇرو هنيو، ته مان ڪڏهن فوج سان نه وڙهيس

مان اڄ سياست کان پوئتي هٽي وڃان ته سڀ ٺيڪ ٿي ويندو، اسان جو مينڊيٽ ڪسي اسان کي ڪنٽرول ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي

راولپنڊي (م ڊ) پي ٽي آءِ باني عمران خان چيو آهي ته اسان جا ڪجهه ماڻهو مخالفن سان رابطي ۾ آهن، جيڪي پارٽي کي ٽوڙڻ چاهين ٿا. اهي ئي ماڻهو بشريٰ بي بي تي به آمريڪي ايجنٽ هجڻ جو الزام لڳائي رهيا آهن. اڊيالا جيل ۾ صحافين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

ڪراچي ۾ چور ۽ سپاهي ٻئي هتان جا ناهن، لوڪل پوليسنگ هجي: خالد مقبول

پوليس وارن جو واسطو هن شهر سان آهي ئي نه، اهي ان کي پنهنجي ذميواري نٿا سمجهن

بئنڪ بيلنس، ملڪيت کي وڌائڻ لاءِ ڪراچي ۾ پوسٽنگ هڪ موقعو سمجهيو ويندو آهي

ڪراچي (رپورٽر) ايم ڪيو ايم پاڪستان جي سربراهه خالد مقبول صديقي چيو آهي ته ڪراچي ۾ چور ۽ سپاهي ٻنهي جو واسطو شهر سان ناهي. ڪراچي ۾ صحافين سان ڳالهائيندي خالد مقبول صديقي چيو ته ڏوهه روڪڻ جي ذميواري پوليس جي آهي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

پريا ڪماري مامري جي آءِ ٽي پاران سنگرار جي شاهن کي به جاچ ۾ شامل ڪرڻ جو فيصلو

جي آءِ ٽي سربراهه ڊي آءِ جي جاويد جسڪاڻي بيان قلمبند ڪرڻ، گواهيون گڏ ڪرڻ ۽ ٻين مقصدن لاءِ وڌيڪ 6 ٽيمون جوڙي ڇڏيون

اهي ٽيمون سنگرار جي شاهن جا بيان قلمبند ڪرڻ کانسواءِ ٽيڪنيڪل بنيادن تي نئين سر جاچ به ڪنديون

سکر (م ڊ) پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ جوڙيل جي آءِ ٽي پاران سنگرار جي شاهن کي به جاچ ۾ شامل ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي. جي آءِ ٽي جي ذريعن موجب سنگرار جي شاهد شاهه کي جاچ ۾ شامل ڪرڻ جو فيصلو جي آءِ ٽي سربراهه ڊي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

لڪي مروت ۾ پوليس جي گاڏي تي فائرنگ، ڊي ايس پي گن مين سوڌو شهيد

دهشتگردن جي فائرنگ ۾ هڪ اهلڪار زخمي به ٿيو، جنهن کي اسپتال منتقل ڪيو ويو

واقعي کانپوءِ وڏي نفري پهچي وئي، دهشتگردن جي گرفتاري لاءِ سرچ آپريشن جاري

لڪي مروت (م ڊ) لڪي مروت ۾ منجيولا چوڪ پرسان دهشتگردن جي پوليس جي گاڏي تي فائرنگ ۾ ڊي ايس پي گل محمد خان گن مين سوڌو شهيد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

ڊيرا اسماعيل خان ۾ سيڪيورٽي فورسز جو آپريشن، 8 دهشتگرد مارجي ويا

فورسز دهشتگردن جي موجودگي جي اطلاع تي انٽيليجنس بيسڊ آپريشن ڪيو: آءِ ايس پي آر

مارجي ويل دهشتگردن جي قبضي مان هٿيار، بارودي مواد ۽ ڌماڪيدار مواد هٿ ڪيو ويو

راولپنڊي (م ڊ) ڊيره اسماعيل خان ۾ سيڪيورٽي فورسز جي آپريشن ۾ 8 دهشتگرد مارجي ويا. آءِ ايس پي آر موجب سيڪيورٽي فورسز ڊيره /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

مان آهيان پر مون کي ڦاٿڻ تي مجبور نه ڪيو: شهريار آفريدي جي قيادت کي ڌمڪي

پارٽي اندر هن وقت ڪجهه منافق موجود آهن، هيءَ پارٽي انهن ماڻهن جي آهي، جن جي مائرن ۽ ڀينرن جي بي عزتي ٿي

پارٽي ۾ پيراشوٽ سان آيل ماڻهن کي رد ڪيون ٿا، جن پٺي ۾ ڇرو هنيو، انهن کي وري پاڪر پائڻ نه ڏينداسين

علي امين گنڊاپور سميت سموري پارٽي قيادت کي پيغام ڏيڻ چاهيان ٿو ته ڪارڪن ڪي مٽي آٿيو: جلسي کي خطاب

ڪوهاٽ (م ڊ) تحريڪ انصاف اندر اختلاف هاڻ کليل نموني سامهون اچي ويا. پي ٽي آءِ اڳواڻ شهريار آفريدي ڪوهاٽ جي جلسي ۾ پي ٽي آءِ قيادت کي ڌمڪي ڏيندي چيو ته پارٽي اندر هن وقت ڪجهه منافق موجود آهن. ڪجهه ماڻهن کي پيغام ڏيڻ چاهيان ٿو ته هيل تائين چپ آهيان. مون کي ڦاٿڻ تي مجبور نه ڪيو. هن چيو ته هيءَ پارٽي انهن ماڻهن جي آهي. جن جي مائرن ۽ ڀينرن جي بي عزتي ٿي. علي امين گنڊاپور سميت سموري پارٽي قيادت کي پيغام ڏيڻ چاهيان ٿو ته ڪارڪن کي مٽي آٿيو سنڌس چوڻ هو ته پارٽي ۾ پيراشوٽ سان آيل ماڻهن کي رد ڪيون ٿا. جن پٺي ۾ ڇرو هنيو. انهن کي وري پاڪر پائڻ نه ڏينداسين.


اسلام آباد: وفاقي وزير جام ڪمال سان چين جو وفد ملاقات ڪندي

ججن کي موڪليل خطن ۾ ڪهڙو مواد هو؟ فرانزڪ رپورٽ سامهون اچي وئي

خطن مان 70 ملي گرام آرسينڪ ملڻ جي نشاندهي ڪئي وئي آهي: فرانزڪ رپورٽ

خطن سان ججن جي فيصلن تي اثرانداز ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي

لاهور (م ڊ) ججن کي موڪليل ڌمڪي جوڳن خطن مان برآمد ٿيندڙ مواد بابت رپورٽ سامهون اچي وئي، جاچ ذريعن موجب بيسلس انٿراسس زمين مان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

آرمي چيف پاران پاڪستاني ڪرڪيٽرن کي ڏنل افطار ڊنر جو شيڊيول تبديل

قومي ڪرڪيٽرن کي اٺ اپريل تي افطار جي دعوت ڏني وئي، محسن نقوي به شريڪ هوندو

آرمي چيف سان افطار ڊنر تي پاڪ فوج جا اعليٰ آفيسر به شرڪت ڪندا

راولپنڊي (م ڊ) آرمي چيف جنرل عاصم منير طرفان ڪاڪول ڪئمپ ۾ شرڪت ڪندڙ پاڪستاني ڪرڪيٽ ٽيم جي رانديگرن کي ڏنل افطار ڊنر جو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

سنڌ اسيمبليءَ ۾ مخصوص سيٽن جو معاملو، سني اتحاد ڪائونسل جي درخواست جي سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ ٻڌڻي

9 ڪامياب آزاد اميدوار سني اتحاد ڪائونسل ۾ شامل آهن، سني اتحاد ڪائونسل کي عورتن جون 2 ۽ هڪ اقليتي سيٽ ملڻ گهرجي ها: وڪيل

اليڪشن ڪميشن اهي ٽئي سيٽون پ پ ۽ ايم ڪيو ايم ۾ ورهائي ڇڏيون، مخصوص سيٽون واپس ڏياريون وڃن

سني اتحاد ڪائونسل مخصوص سيٽن لاءِ اڳواٽ نالا ڏنائي نه هئا (سرڪاري وڪيل) سمورو عمل مڪمل ٿي چڪو آهي: عدالت

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ اسيمبلي جون پيپلزپارٽي ۽ ايم ڪيو ايم ۾ ورهايل مخصوص سيٽون واپس ڪيو: سني اتحاد ڪائونسل جي درخواست جي سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ ٻڌڻي، سني اتحاد ڪائونسل جي وڪيل بئرسٽر علي طاهر دليل ڏيندي چيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

واٽر ڪارپوريشن پاران ڪراچي ۾ 22 هزار کان وڌيڪ مين هولز جا ڍڪ لڳايا ويا

هن وقت تائين 12 هزار مين هولز جا ڍڪ لڳايا ويا آهن: چيف انجنيئر سيوريج

ميئر ۽ سي اي او جي خاص هدايتن تي مين هولز جا ڍڪ لڳايا پيا وڃن: جاري ڪيل بيان

ڪراچي (رپورٽر) سي اي او واٽر ڪارپوريشن انجنيئر سيد صلاح الدين احمد جي خاص هدايتن تي واٽر ڪارپوريشن جي عملدارن پاران هن وقت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14


ڪراچي: واٽر ڪارپوريشن جو عملو مين هول کي ڍڪ لڳائي رهيو آهي

ريڙجي اڱوٺن سان بينظير انڪم سپورٽ پروگرام فنڊن ۾ گهوٻين جو انڪشاف

ايف آءِ اي سائبر ڪرائم سرڪل حيدرآباد فنڊن ۾ گهوٻيون هڻندڙ ٽن جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو

مونو ٽيڪنيڪل ڪاليج ڊسٽرڪٽ ٽنڊو محمد خان ۾ ڇاپو هنيو ويو، شبير احمد، غلام عباس ۽ آصف علي گرفتار

ٽنڊو محمد خان (م ڊ) سليڪون اڱوٺن سان بينظير انڪم سپورٽ پروگرام فنڊن ۾ گهوٻين جو انڪشاف سامهون آيو آهي. ايف آءِ اي 3 جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو. ايف آءِ اي سائبر ڪرائم سرڪل حيدرآباد وڏي ڪارروائي ڪندي بينظير انڪم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ايران ايندڙ هفتي اسرائيل تي ڊرون حملا ڪري سگهي ٿو: آمريڪي ميڊيا

ايران طرفان رمضان جي ختم ٿيڻ کان اڳ اسرائيلي سفارتي مرڪز کي نشانو بڻائي سگهجي ٿو

آمريڪي انٽيليجنس موجب ايران ڊرون سان گڏ ڪروز ميزائل پڻ استعمال ڪري سگهي ٿو

واشنگٽن (م ڊ) آمريڪي ميڊيا جو چوڻ آهي ته ايران ايندڙ هفتي اسرائيل تي ڊرون حملا ڪري سگهي ٿو ايران طرفان اسرائيلي سفارتي مرڪز کي نشانو بڻائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

جماعت اسلامي سنڌ پاران ٽرانسپورٽ مافيا طرفان مسافرن کا ڦرلٽ واري سلسلي جي سخت مذمت

وڌيڪ ڪرايو وصول ڪندڙ مافيا خلاف سخت قدم کنيا وڃن ته جيئن عوام جي حلال جي ڪمائي لٽجڻ کان بچي سگهي: ترجمان

عيد جي موقعي تي هڪ مافيا عام ڏينهن جي مقابلي ۾ عوام جي حق حلال جي ڪمائي کي لٽڻ لاءِ ڪرايا ٽيڻ تي وڌائي ڇڏي

عام ماڻهو شڪايت ڪرڻ جي صورت ۾ ٽرانسپورٽ اڏن تي موجود عملي ۽ ڊرائيورز جي بدتميزي پڻ برداشت ڪري ٿو

ڪراچي (رپورٽر) جماعت اسلامي سنڌ عيدالفطر جي موقعي تي مهانگائي جي ستايل عوام کي ٽرانسپورٽ مافيا طرفان ڪراچي کان اندرون ملڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي پاران شهر جي مختلف علائقن ۾ غير قانوني اڏاوتن خلاف ڪارروايون

ڪراچي (رپورٽر) ضلعي سينٽرل ڪراچي ۾ غير قانوني اڏاوتن خلاف ڪارروائي دوران نامعلوم هٿياربندن /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29


اسلام آباد: وفاقي وزير رانا تنوير سان ايران جو سفير ملاقات ڪندي

سيڪيورٽي ادارن کي هر وقت ڪٺهڙي ۾ بيهارڻ مناسب ناهي: وفاقي قانون واري وزير

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي ججن پاران لکيل خط جي معاملي تي عدالت جلد ڪارروائي ڪندي

وزيراعظم شهباز شريف چئي چڪو آهي ته عدليه جي آزادي تي ڪو به سمجهوتو نه ڪيو ويندو

اسلام آباد (م ڊ) قانون واري وفاقي وزير نذير تارڙ چيو آهي ته سيڪيورٽي ادارن کي هر وقت ڪٺهڙي ۾ رکڻ مناسب ناهي. هڪ ٽي وي انٽرويو ۾ قانون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

بلاول ڀٽو زرداري جي پروگرام تحت ڀنتي پيل ڳوٺاڻن کي سولرائيز ڪيو ويندو: وڏو وزير

وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي صدارت ۾ سنڌ سولر انرجي پروجيڪٽ جي جائزي لاءِ اجلاس، صوبائي وزير سيد ناصر شاهه، ميئر مرتضيٰ وهاب ۽ ٻين اعليٰ آفيسرن جي شرڪت

ڀنتي پيل ڳوٺن جي بجلي پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت سولر/ونڊ هائبرڊ ذريعي ڪري سگهجي ٿي سسٽم کي پائيدار طريقي سان هلائڻ لاءِ خانگي شعبي/ڪميونٽي کي مقرر ڪيو ويندو: وڏو وزير

ٽيڪنيڪل اسٽاف جي پگهارن سميت سسٽم هلائڻ جو خرچ سميت سنلس حڪومت وقت بوقت بيٽري متائڻ جو خرچ برداشت ڪندي، نيپرا سان معاملا حل ڪري منصوبي جي رفتار تيز ڪئي وڃي

سنڌ سولر انرجي پروجيڪٽ لاءِ عالمي بئنڪ پاران نومبر 2018ع ۾ ايڪنڪ ذريعي 100 ملين ڊالرن جو رعايتي قرض جي منظوري ڏني وئي هئي، ۽ جولاءِ 2023 ۾ نظرثاني ڪئي وئي: سيد ناصر حسين شاهه

مانجهند ضلعي ڄامشورو ۾ 50 ميگاواٽ لاءِ 250 ايڪڙ زمين ضلعي اولهه ڪراچي ۾ 120 ميگاواٽ لاءِ 612 ايڪڙ زمين ۽ ديهه مناگهر ضلعو ملير ۾ 150 ميگاواٽ لاءِ 600 ايڪڙ زمين جا ٽي پارسل الاٽ ڪيا ويا

مانجهند ۾ ڪي اليڪٽرڪ سائيٽن جي اڳڀرائي لاءِ ڪم مڪمل ڪيو ويو آهي، پنجن مان چار ڪمپنين مانجهند سائيٽ لاءِ اڳڀرائي ڪئي جڏهن ته ڪي اليڪٽرڪ سائيٽن لاءِ 16 ڪمپنيون اڳ ۾ ئي قابل آهن

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چيو آهي ته چيئرمين بلاول ڀٽو جي چونڊ منشور تحت سنڌ حڪومت ولبيج اليڪٽرڪيشن پروگرام تحت ننڍن ڳوٺن کي سولرائيز ڪندي. هن توانائي واري وزير ناصر شاهه کي هدايت ڪئي ته هو تفصيلي پروپوزل تيار ڪري ته جيئن چيئرمين بلاول ڀٽو جي پلان تي عمل ٿي سگهي. اها ڳالهه هن وزيراعلي هائوس ۾ سنڌ سولر انرجي پروجيڪٽ جي جائزي لاءِ ٿيل اجلاس ۾ چئي. اجلاس ۾ توانائي وارو صوبائي وزير سيد ناصر شاهه، ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب، وڏي وزير جو پرنسپل سيڪريٽري آغا واصف، چيئرمين پي اينڊ ڊي نجم شاهه، سيڪريٽري توانائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

وزيراعظم جي سعودي عرب جي دوري ۾ نوازشريف شامل نه آهي، اسان ملڪ کي ڊيوالپٽي کان بچايون: عطا تارڙ

عالمي ميڊيا تي پاڪستاني معيشت جي باري ۾ مثبت خبرون اچي رهيون آهن ڪجهه عنصر ملڪ کي ترقي ڪندي نٿا ڏسي سگهن

وزيراعظم بشام واقعي کان پوءِ چيني انجنيئرز جو حوصلو وڌائڻ لاءِ پاڻ داسو ويو، چينين جي سيڪيورٽي کي انتهائي سنجيدگي سان ورتو پيو وڃي

ڪنهن کي به امن تباهه ڪرڻ نه ڏينداسين، اسان خطي ۾ امن چاهيون ٿا، اسان جي اهڙي خواهش کي ڪمزوري نه سمجهيو وڃي


وفاقي وزير عطاءَ الله تارڙ

اسلام آباد (م ڊ) اطلاعات واري وفاقي وزير عطا تارڙ چيو آهي ته سعودي عرب جي دوري دوران وزيراعظم جي وفد ۾ سنڌس گهرڀاتي شامل آهن پر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

سڄي سنڌ ۾ اختيار ڏنا وڃن ڪراچي ۾ دهشتگردي خلاف جيڪي اختيار مليا هئا، اهي ئي ڏنا وڃن: ڊي جي رينجرز

ڪراچي (رپورٽر) ڊي جي رينجرز سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ امن امان بابت اجلاس ۾ سڄي سنڌ ۾ اختيار /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

اڍائي سالن کانپوءِ پريا ڪماري ميڊيا کي ڇو ياد آئي؟ مخالف ڌر پارليامينٽ ۾ ڪردار ادا ڪري: خورشيد شاهه

عمران خان جي حڪومت به احتجاج نه پر پارليامينٽ ذريعي ختم ٿي، نواز شريف سان جيڪو ٿيو اهو سنڌس گهر جو معاملو آهي

آءِ ايم ايف سان معاملا طئي به ٿي ويا ته اهو سڀ ڪجهه مصنوعي هوندو، معاشي مسئلن جو حل مستقل بنيادن تي ڳولڻو پوندو

جيڏي پريا ڪماري جي معاملي ۾ جاچ ٿي آهي ٻئي ڪنهن ڪيس ۾ شايد نه ٿي هجي، ان مسئلي کي ايڏو ڇو کنيو ويو آهي

سکر (م ڊ) جلسن جلوسن ۽ احتجاجن سان حڪومتون نه وينديون آهن، اپوزيشن پارليامينٽ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري ته حڪومت لاءِ پريشانيون پيدا ٿي سگهن ٿيون. پي ٽي آءِ باني جي حڪومت به احتجاج نه پر پارليامينٽ ذريعي ختم ٿي: پيپلزپارٽي جي اڳواڻ خورشيد شاهه جون سکر ۾ ميڊيا سان ڳالهيون. خورشيد شاهه چيو ته نواز شريف سان جيڪو ڪجهه ٿيو اهو سنڌس گهر جو معاملو آهي، ان تي سان نه ڳالهائيندس. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

پاڪستان تحريڪ انصاف 14 رڪني سياسي ڪميٽي جو اعلان ڪري ڇڏيو

عمران خان جي هدايت تي قائم سياسي ڪميٽي فيصلن کي حتمي شڪل ڏيندي

ڪميٽي ۾ عمر ايوب خان، گوهر خان، سينيٽر شبلي فراز، علي امين گنڊاپور شامل

اسلام آباد (م ڊ) پاڪستان تحريڪ انصاف 14 رڪني سياسي ڪميٽي جو اعلان ڪري ڇڏيو، ڪميٽي پي ٽي آءِ ڪور ڪميٽي جي فيصلن کي حتمي شڪل ڏيندي، پڌرائي موجب سياسي ڪميٽي پي ٽي آءِ جي باني جي هدايت تي قائم ڪئي وئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

قرض وٺي پگهارون ڏئي رهيا آهن، رليف جو ڪو به شارٽ ڪٽ ناهي: قمر زمان ڪائره

منڊي بهاءُ الدين (م ڊ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻ قمر زمان ڪائره چيو آهي ته زوال پذير معيشت کي منترسان نٿو لڳائي سگهجي، اهي قرض کڻي پگهارون ڏئي رهيا آهن. رليف لاءِ ڪو شارٽ ڪٽ ناهي. منڊي بهاءُ الدين ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي قمر زمان ڪائره چيو ته پاليسين تي عمل ٿيڻ ۾ وقت لڳندو آهي، مهانگائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02


ڪراچي: وڏو وزير سيد مراد علي شاهه اجلاس جي صدارت ڪري رهيو آهي

عدالتون جمهوريت ۽ بنيادي حقن جون محافظ آهن: لاهور هاءِ ڪورٽ

پرويز الاهي ۽ ٻين کي ضمني چونڊن ۾ حصو وٺڻ جي اجازت ڏيڻ جو لکت وارو فيصلو جاري

اپيل ڪندڙ پرويز الاهي ۽ ٻين خلاف اعتراضن کي ثابت نه ڪري سگهيو، اپيل ڪندڙ صحيح حقيقتون بيان نه ڪري سگهيو: عدالت

لاهور: (م ڊ) لاهور هاءِ ڪورٽ پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير پرويز الاهي ۽ ٻين کي ضمني چونڊن ۾ حصو وٺڻ جي اجازت ڏيڻ جو لکت وارو فيصلو جاري ڪري ڇڏيو آهي. 2 رڪني بينچ اپيل تي 9 صفحن تي ٻڌل فيصلو جاري ڪندي چيو ته عدالتون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ پاران وڌيڪ ڀاڙو وصول ڪندڙ گاڏين خلاف ڪارروائي جي هدايت

لاڳاپيل اختياريون اضافي ڪرايو وٺڻ جي شڪايتن تي فوري ڪارروائي ڪن: شرجيل انعام ميمڻ

سنڌ حڪومت عوام کي هر قسم جو رليف فراهم ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي، مسافرن کي پريشان ڪندڙ ماڻهن کي معاف نه ڪيو ويندو

ٽرانسپورٽ اٿارٽي جي آفيسرن جون موڪلون رد، اضافي ڀاڙن خلاف مهم عيد کانپوءِ تائين جاري رهندي


اسلام آباد: وفاقي گهرو وزير محسن نقوي اجلاس جي صدارت ڪندي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ وڌيڪ ڀاڙا وصول ڪندڙ ٽرانسپورٽرن خلاف ڪارروائي جي هدايت ڪئي آهي. پراونشل ٽرانسپورٽ اٿارٽي سنڌ جي سمورن آفيسرن جون موڪلون رد ڪيون ويون آهن. صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ هدايتون جاري ڪندي چيو آهي ته لاڳاپيل اختياريون اضافي ڪرايو وٺڻ جي شڪايتن تي فوري ڪارروائي ڪن. سنڌ حڪومت عوام کي هر قسم جو رليف فراهم ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي. هن وڌيڪ چيو ته مسافرن کي پريشان ڪندڙ ماڻهن کي معاف نه ڪيو ويندو، شرجيل انعام ميمڻ جو چوڻ آهي ته اضافي ڀاڙن خلاف مهم عيد کانپوءِ تائين جاري رهندي.

فرانس جي 115 پارليامينٽ ميمبرن جو اسرائيل کي هٿيار ڪپائڻ تي پابندي جو مطالبو

فرانس کي اسرائيل جي جاري بدترين نسل ڪشي ۾ شريڪ نه ٿيڻ گهرجي: پارليامينٽرين جو صدر کي خط

غزا پٽي ۾ اسرائيلي فورسز جي وحشياڻي حملن سبب شهادتون 33 هزارن کان وڌي ويون آهن

حڪومت اسرائيل کي فراهم ڪيل هٿيارن جا تفصيل پارليامينٽ ۾ پيش ڪري، اسرائيل سان معاهدو عالمي قانونن جي ڀڃڪڙي آهي

پيرس (م ڊ) فرانسيسي پارليامينٽ جي 115 ميمبرن صدر ايمانوئل ميڪرون کي خط لکي اسرائيل کي هٿيار ڪپائڻ تي پابندي جو مطالبو ڪري ڇڏيو. پڙهيل ميڊيا موجب صدر کي موڪليل خط ۾ چيو ويو آهي ته فرانس کي اسرائيل جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

محسن نقوي پاران چيني شهرين جي حفاظت لاءِ فول پروف قدم کڻڻ جي هدايت

محسن نقوي جي صدارت هيٺ چيني شهرين جي سيڪيورٽي انتظامن بابت اجلاس، اعليٰ عملدارن جي شرڪت

پرڏيهين خاص ڪري چيني شهرين جو تحفظ اولين ذميواري آهي، ايس او پيز تي عملدرآمد کي يقيني بڻايو وڃي: گهرو وزير

اسلام آباد (م ڊ) وفاقي گهرو وزير محسن نقوي چيني شهرين جي حفاظت لاءِ فول پروف قدم کڻڻ جي هدايت ڪئي آهي محسن نقوي جي صدارت هيٺ چيني شهرين جي سيڪيورٽي انتظامن بابت اجلاس ۾ وفاقي گهرو سيڪريٽري خرم آغا ۽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

هڪ مهيني ۾ امن امان يقيني بڻايو وڃي: سنڌ هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس

سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ صوبي ۾ امن امان بابت اجلاس، ڊي جي رينجرز، آءِ جي سنڌ، گهوٽڪي، لاڙڪاڻو جا ايس ايس پيز ۽ ٻين جي شرڪت

ڪير ڪيترو به طاقتور هجي رعايت نه ڪئي وڃي، امن امان خراب ڪندڙ ڪيترائي به طاقتور هجن. ڪين انجام تي پهچايو وڃي: چيف جسٽس

سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ امن امان بابت اجلاس ۾ اسٽريٽ ڪرائمز، سيف سٽي ۽ ڪچي جي ڌاڙيلن جو مسئلو ايجنڊا ۾ هو: آءِ جي سنڌ پوليس

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس عقيل احمد عباسي اختيارين کي هدايت ڪئي آهي ته صوبي ۾ هڪ مهيني اندر امن امان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

نيو يارڪ، نيو جرسي سميت آمريڪا جي مختلف رياستن ۾ زلزلي جا لوڏا

واشنگٽن (ويب ڊيسڪ) آمريڪي رياست نيو جرسي ۾ آيل زلزلي نيو يارڪ شهر کي به لوڏي ڇڏيو پر زلزلي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31


ڪراچي: نارين عيد جي خريداري ڪري رهيون آهن

نواز شريف سان جيڪو ٿيو گهر جو معاملو آهي مان ان ۾ ڪجهه نه چوندس: خورشيد احمد شاهه

پارليامينٽ ۾ شور ٿيندو آهي ته اسان انجوائي ڪندا آهيون جلسن جلوسن سان حڪومتون نه ونديون آهن

پارليامينٽ عمران خان جي حڪومت جو خاتمو ڪيو آءِ ايم ايف سان معاملاطي تي ٻه ويا ته هو سڀ مصنوعي هوندا

سنڌ ۾ صحت جي حوالي سان گهڻا مسئلا آهن صحت کاتي ۾ ڪرپشن گهٽي آهي جنهن سبب مسئلا سامهون ايندا آهن

سکر (رپورٽ امداد علي گل ڪلوڙ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي مرڪزي اڳواڻ اڳوڻو وفاقي وزير سيد خورشيد احمد شاهه چيو ته نواز شريف سان جيڪو ٿيو گهر جو معاملو آهي مان ان ۾ ڪجهه نه چوندس هن چيو ته پارليامينٽ ۾ شور ٿيندو آهي ته اسان انجوائي ڪندا آهيون جلسن جلوسن سان حڪومتون نه وينديون آهن آئين ۽ قانون تحت اپوزيشن پارليامينٽ ۾ ڪردار ادا ڪري ته حڪومت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25


سکر: پ پ اڳواڻ سيد خورشيد شاهه ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن
ابراهيم حيدري جي چيئرمين
پاران متاثرين ۾ تحفا فراهم

ملير(رپورٽر) ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن ابراهيم حيدري جي چيئرمين نظير احمد ڀٽو پاران ڪجهه هفتا اڳ سمنڊ اندر ٻيڙي حادثي ۾ فوت ٿيل ماهيگيرن جي وارثن ۽ متاثرين ۾ عيد جا ڪپڙا ۽ ٻيا تحفا ڏنا ويا ان موقعي تي ماهيگير اڳواڻ عبدالمجيد موٽاڻي، يونس خاصخيلي ۽ ٻيا پڻ موجود هئا. ان موقعي ٽائون چيئرمين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

دادو شهر جي اي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ مورو تي جمالي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو

ڳوٺ دوداڻي جمالي جا رهواسي فاروق جمالي، مظهر جمالي، رشيد جمالي ۽ ٻيا زخمي ٿي پيا

زخمين کي پوليس پاران علاج لاءِ ليٽر جاري ڪيو ويو جنهن بعد کين سول اسپتال دادو آندو ويو

ڪجهه ڏينهن اڳ اسان جو پنهور برادري جي ماڻهن سان ڪنهن مامري تان جهيڙو ٿيو

دادو(ن سنڌيار) دادو شهر جي اي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ مورو تي جمالي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو ڏنڊن ۽ ڪهاڙين جو آزادانا استعمال ٿيڻ جي نتيجي ۾ ڳوٺ دوداڻي جمالي جا رهواسي فاروق جمالي، مظهر جمالي، رشيد جمالي، غلام مصطفيٰ جمالي سخت زخمي ٿي پيا زخمين کي پوليس پاران علاج لاءِ ليٽر جاري ڪيو ويو جنهن بعد کين سول اسپتال دادو آندو ويو حملي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

پرياسٽي پرسان ڳوٺ شريف هڪڙو واسي ڳوٺاڻي پاران ٻاڻرن خلاف احتجاجي مظاهرو

غلام حسين جتوئي ڪان 10 ايڪڙ زرعي زمين ٽن سالن لاءِ مقاطعي تي ورتي: غلام محمد

فراڊ ڪري زرعي زمين پرياسٽي جي اشرف راجپوت ۽ مشتاق راجپوت کي وڪرو ڪري ڇڏي آهي

نوشهرو فيروز (رپورٽر: منظور ملڪ) پرياسٽي پرسان ڳوٺ شريف هڪڙو واسي ڳوٺاڻي غلام محمد هڪڙو طرفان بااثر زميندار گلزار جتوئي غلام حسين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28



جيستائين خريدار حقن بابت آگاهه نه هوندو تيستائين حقن جي حفاظت نه ڪري سگهندو: ڪامران عطا سومرو

اڄ اسان پنهنجي حقن جي حاصلات لاءِ خاموش آهيون هي حق نوان نه آهن پر اسلام اسان کي 14 سو سال اڳ آگاهه ڪيو

خريدار ڪابه شيءِ مارڪيٽ مان خريد ڪن ٿا ته هوان دڪان جو پڪو بل ضرور وٺن جعلسازي، بي ايماني ۽ ٻيا شامل آهن

منعقد ڪيل سيمينار ۾ ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن جا سمورا ميمبر، سول سوسائٽي ۽ ٻيا شهري وڏي انگ ۾ موجود هئا

بدين (رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) خريدار جي حقن جي محافظ ڪنزيومر پروٽيڪشن ڪورٽ متعلق ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئيشن ۾ آگاهي سيمينار منعقد ڪيو ويو آگاهي سيمينار کي خطاب ڪندي مهمان خاص ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج بدين ڪامران عطا سومرو چيو ته سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪراچي جي هدايتن تي آگاهي سيمينار منعقد ڪيو ويو آهي هن چيو ته جيستائين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29


بدين: ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج ڪامران عطا ابڙو ۽ ٻيا تقريب کي خطاب ڪندي

انا انڙ جو بيدردي سان قتل
وحشت ۽ درندگي آهي: زينت
سمون/ نصرت خاصخيلي

حيدرآباد(رپورٽر)سنڌياڻي تحريڪ جي مرڪزي صدر زينت سمون جنرل سيڪريٽري نصرت خاصخيلي، ناهيد جوڻي، زاهده ڏاهري، افروز ڪٽپر، نورمگسي، شازيه احمداڻي، ريشمان گوپانگ، حميرا خاصخيلي چيو آهي ته انا انڙ جو بيدردي سان قتل وحشت ۽ درندگي آهي. سنڌ ۾ عورتن سان غلامن جهڙو سلوڪ آهي. اتر سنڌ ۾ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

گجو نائيٽ ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ جهولي لال اليون کٽي ورتو، ساجاهه وندن پاران شرڪت

مسلسل ٽيون فائنل ميچ کٽڻ تي رانديگرن جون جهمريون رانديگرن مٿان نقد انعامن جي گهور

ٽورنامينٽ جو فائنل ميچ جهولي لال اليون ۽ ميزبان ٽيم جئي جيلاني اليون وچ ۾ کيڏيو ويو

جهولي لال جي طوفاني بلي بازن ميزبان ٽيم جي بالرن کي هوم گرائونڊ تي زبردست شڪست ڏنو

ٺٽو(رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) گجو نائيٽ ڪرڪيٽ ٽورنامينٽ جهولي لال اليون کٽي ورتو، فائنل ميچ ۾ ميزبان جئي جيلاني اليون کي شڪست، مسلسل ٽيون فائنل ميچ کٽڻ تي رانديگرن جون جهمريون رانديگرن مٿان نقد انعامن جي گهور: گجي لڳ ڳوٺ رليداد جوکيو ۾ شهيد رئيس تاج محمد جوکيو جي ياد ۾ پ پ اڳواڻ حاڪم الدين جوکيو ۽ جيئي جيلاني اليون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

ٺٽون ڪوٽ پرسان ڪٽڪ جي لاٻاري تان موٽندڙ لاهيارن جو چنگچي رڪشو ڪلٽي، هڪ نينگر فوت

ڪٽڪ جي لاٻاري تان موٽندڙ لاهيارن سان رحمان آباد اسٽاپ پرسان حادثو پيش آيو

زخمن جا سور نه سهندي 15 ورهن جي نينگري ڪيمي ڏيءَ ڪيول ڪولهي فوت ٿي وئي

فوتي نينگري جو مڙهه ٺٽون ڪوٽ ريلوي اسٽيشن آندو ويو، مڙهه گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

ٺٽون ڪوٽ (رپورٽر) ٺٽون ڪوٽ پرسان ڪٽڪ جي لاٻاري تان موٽندڙ لاهيارن جو چنگچي رڪشو ڪلٽي، هڪ نينگري فوت، 2 عورتون زخمي. خبر موجب ٺٽون ڪوٽ پرسان ڪٽڪ جي لاٻاري تان موٽندڙ لاهيارن سان رحمان آباد اسٽاپ پرسان حادثو پيش آيو. چنگچي رڪشا جو ٽائر برسٽ ٿيڻ جي نتيجي ۾ نينگري سميت 3 عورتون زخمي ٿي پيون جنهن کي نجي اسپتال /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32


ٺٽون ڪوٽ: فوتي نينگر جو لاش کنيو پيو وڃي

رتوديرو ۾ مذهبي اڳواڻ طرفان
مدرسي جي 150 ٻارڙن ۾ عيد جا
ڪپڙا تقسيم ڪيا ويا

رتوديرو(رپورٽر) رتوديرو ۾ مذهبي اڳواڻ طرفان مدرسي جي 150 ٻارڙن ۾ عيد جا ڪپڙا تقسيم. جماعت اهلسنت جميعت علماءِ برچوندي شريف جي مرڪزي اڳواڻ قاري واجد علي قادري ڪپڙا تقسيم ڪيا. جماعت جي تعاون سان هر سال عيد تي مدرسي جي ٻارڙن ۾ ڪپڙا تقسيم ڪندو آهيان. ٻارڙن جي چهرن تي خوشي جي لهر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

فرسٽ ايڊيشنل سيشن جج سجاول جي عدالت پاران قتل ڪيس ۾ جوابدار کي سزا

عرفان شيخ جي قتل واري ڪيس ۾ هڪ جوابدار احسان شيخ کي عمر قيد جي سزا ٻڌائي ڇڏي

ايڊيشنل سيشن جج عدالت ۾ هڪ جوابدار احسان شيخ کي عمر قيد جي سزا ٻڌائي جيل موڪلي ڇڏيو

جهيڙي دوران بيدردي سا قتل ٿيل عرفان شيخ جي قتل واري ڪيس ۾ هڪ جوابدار احسان شيخ کي عمر قيد جي سزا ٻڌائي ڇڏي

سجاول (رپورٽ ممتاز علي نهڙيو) فرسٽ ايڊيشنل سيشن جج سجاول جي عدالت تي سال اڳ سجاول ويجهو جهيڙي دوران بيدردي سا قتل ٿيل عرفان شيخ جي قتل واري ڪيس ۾ هڪ جوابدار احسان شيخ کي عمر قيد جي سزا ٻڌائي ڇڏي، سجاول جي عدالت ايڊيشنل سيشن ڪورٽ ۾ هلندڙ اهم ڪيس جي وڪالتي پيروي ڪندڙ ناليواري سينيئر وڪيل اعجاز جماڻي ۽ سندس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

ٺٽي ضلعي جي پوليس پاران منشيات فروشن توڙي ڌوهارين خلاف سخت ڪارروايون جاري

عيد گاهه روڊ پرسان پوليس ۽ ڌوهاري منشيات فروشن ۾ ٿيل فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ ڌوهاري زخمي

نبيلا جوکيو جي اغوا واري ڪيس ۾ ملوث جوابدار رفيق خاصخيلي پوليس مقابلي ۾ مارجي ويو

رڪشا برآمد ڪري متن ٺٽو، گهارو ۽ ڌاٻيجي ٿاڻن تي الڳ الڳ ڪيس داخل ڪري ورتا آهن: پوليس

ٺٽو(رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) ايس ايس پي ٺٽو ڊاڪٽر محمد عمران جي سخت هدايتن ڪانپوءِ ٺٽو پوليس جي حد عيدگاهه روڊ وٽ پوليس ۽ جوابدارن وچ ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ هڪ جوابدار زخمي حالت ۾ گرفتار جنهن جي سڃاڻپ محمد صالح ولد محمد جمن ملاح جي نالي سان ٿي آهي شروعاتي جاچ موجب جوابدار ٺٽي ضلعي جي مختلف علائقن ۾ آئس، هيروئن ۽ چرس جو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 35


ٺٽو: پوليس ڪارروائي ۾ زخمي ٿيل ڌوهاري کي اسپتال ۾ آندو پيو وڃي

عمرڪوٽ ۾ چوري ٿيل 10
موٽرسائيڪل برآمد هڪ چاٻي
چور جي گرفتاري ظاهر

عمرڪوٽ (رپورٽر) ڊي ايس پي سٽي تصور جت، سي آءِ اي انچارج خليل ڪنڀار جي سٽي ٿاڻي تي پريس ڪانفرنس چوري ٿيل 10 موٽرسائيڪل برآمد هڪ چاٻي چور جي گرفتاري ظاهر معاملي جي جاچ ايس ايچ او تعلقه رياض لغاري حوالي. تفصيل موجب سي آءِ اي پوليس انچارج عمرڪوٽ خليل ڪنڀار عمرڪوٽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 36

هالاڻي پوليس پاران منشيات خلاف ڪامياب ڪارروائي، ڪار مان 47 ڪلو منشيات هٿ

ڪار مان 47 ڪلو گرام ڪان وڏيڪ گٽڪا ماوا جا 143 ٿيلها (15730 ساشي هٿ ڪري ورتا

هڪ ڪار هٿ ڪرڻ بعد هالاڻي ٿاڻي تي مين پڙي گٽڪا ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو

نوشهرو فيروز(رپورٽر: منظور ملڪ) هالاڻي پوليس جو منشيات خلاف ڪامياب ڪارروائي ڪار مان 47 ڪلوگرام ڪان وڏيڪ گٽڪا ماوا جا 143 ٿيلها (15730 ساشي) هٿ ڪيا ويا. نارو شاهه جا رهواسي 02 جوابدار گرفتار، ڪيس داخل تفصيل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ميرپور ساڪرو لڳ هٿياربندن پاران موٽر سائيڪل ڦر ڪرڻ جي ڪوشش، مزاحمت تي هڪ زخمي

هٿياربندن ملڪا واهه وٽ موٽر سائيڪل سوار انصار چنا کان موٽر سائيڪل ڦر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي

انصار چنا کي ميرپور ساڪرو شيخ زيد اسپتال مان طبعي امداد ڏيڻ بعد گهٽتي جوڳي حالت ۾ ڪراچي نيو ويو

ٺٽو(ٻر) ميرپور ساڪرو لڳ هٿياربندن پاران موٽر سائيڪل ڦر ڪرڻ جي ڪوشش مزاحمت ڪرڻ تي هڪ جڻو زخمي. زخمي اسپتال منتقل. تفصيل موجب ميرپور ساڪرو لڳ ملڪا واهه اسٽاپ تي چئن نامعلوم هٿياربند ڦورن هٿيارن جي زور تي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

خيرپور ناٿن شاهه: عيد ويجهي ايندي ئي چورين ۽ ڦرن ۾ اضافو ڏٺو ويو، ڦورن معمول

ٻگهيا محلا مان گهر ٻاهران بيٺل نوجوان جنيد پيٽو ڪان نامعلوم ڦورن ڦر ڪري فرار ٿي ويا

اعجاز سومرو ۽ چيمبر آف ڪامرس اينڊ انڊسٽري دادو جو ميمبر عمران زنگيجو به واقعي واري هنڌ پهتا

خيرپور ناٿن شاهه(رپورٽر: برڪت علي چانڊيو) خيرپور ناٿن شاهه: عيد ويجهي ايندي ئي چورين ۽ ڦرن ۾ اضافو ڏٺو ويو. نوجوان جنيد پيٽو ڪان موٽرسائيڪل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22


خيرپور ناٿن شاهه: شهري واردات واري هنڌ بيٺل آهن

اڳوڻي ڪميونسٽ سنڌ دوست اڳواڻ مرتضيٰ ٻهراڻي ۽ مهتاب ٻهراڻي جي والده لاڏاڻو ڪري وئي

والده ماجده 85 ورهين جي ڄمار ۾ ڪجهه عرصو علالت ۾ رهڻ بعد هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري وئي

جنازي ۾ علائقي جي سياسي سماجي مذهبي، قومپرست اڳواڻن، صحافين، شهرين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي

ٽنڊو محمد خان (رپورٽر) اڳوڻي ڪميونسٽ سنڌ دوست اڳواڻ مرتضيٰ ٻهراڻي ۽ مهتاب ٻهراڻي جي والده ماجده 85 ورهين جي ڄمار ۾ ڪجهه عرصو علالت ۾ رهڻ بعد هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪري وئي، مرحوم کي ٽنڊو محمد خان جي سخي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

ڊپٽي ڪمشنر آفيس سکر ۾ اسپتالون کي ايمبولينس مهيا ڪرڻ واري تقريب منعقد

تقريب جي شروعات سيد خورشيد احمد شاهه افتتاح واري ربن ڪٽي ڪيو، ساجاهه وندن پاران شرڪت

ايم ايس ڪنڌر، ايم ايس صالح پٽ، ايم ايس پنو عاقل، ايم ايس باگڙجي جي حوالي ڪيون ويون

سکر (رپورٽر: امداد علي گل ڪلوڙ) ڊپٽي ڪمشنر آفيس سکر ۾ ضلعي سکر جي مختلف علائقن جي اسپتالن کي ايمبولينس مهيا ڪرڻ واري تقريب ۾ ايم اين اي سيد خورشيد احمد شاهه شرڪت ڪئي. تقريب جي شروعات /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

دادو ۾ سني رابطه ڪاميٽي جي سڏ تي ايس ايس پي خلاف احتجاجي مظاهرو

ايس ايس پي فرقيواراڻا ۽ بدترين جانبداري ۽ زيادتين جو سلسلو جاري رکيو پيو وڃي

اسان جي عالم سڳورن ۽ اهل سنت جي اڳواڻن جي سڪيورٽي واپس ورتي وئي آهي: مظاهرين

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ سني رابطه ڪاميٽي جي سڏ تي ايس ايس پي دادو خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جمعي نماز بعد سني رابطه ڪاميٽي طرفان ڪيل مظاهرن ۾ ايس ايس پي دادو ڊاڪٽر فرخ علي لنجار خلاف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

ڪشمور جي صحافي جام اصغر چاچڙ کي ڦر دوران مزاحمت ڪرڻ تي گوليون هڻڻ خلاف احتجاج

غوثپور ۾ نيشنل پريس ڪلب جي اڳواڻ برڪت پيو حبيب الله ٻهلڪاڻي جي اڳواڻي ۾ مظاهرو ڪيو ويو

صحافي کي گوليون هڻي زخمي ڪندڙ جوابدار گرفتار نه ٿيا ته اسان جو احتجاج جاري رهندو مظاهرين جون ڳالهيون

غوثپور (رپورٽر: عبدالنبي ملڪ) غوثپور رات دير سان ڪشمور جي سينيئر صحافي جام اصغر چاچڙ کي ڦر دوران مزاحمت ڪرڻ تي گوليون هڻي زخمي ڪري واري واقعي خلاف غوثپور ۾ نيشنل پريس ڪلب جي اڳواڻ برڪت پيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

بزرگ هستي علامه مولانا محمد الياس عطار قادري جو 74 هون جنم ڏينهن ملهايو ويو

بگڙيل نوجوان اڄ جا متقي پرهيزگار انسان بڻجي اصلاح امت ۾ مصروف عمل آهن: علماءِ

لاک ڏاڻون شتر ڏاڻون دوران ٿيليسيميا جي مريضن کي رت جون لکين بوتلون مفت فراهم ڪيون

سکرنڊ (رپورٽر راج ڪماراوڏ) دعوت اسلامي جي باني امير اهلسنت حضرت علامه مولانا محمد الياس قادري جن جو 74 هون جشن ولادت مدني مرڪز فيضان مدينه سکرنڊ ۾ مذهبي جوش و خروش سان ملهايو ويو جتي ثنا خوان هر هڪ حافظ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

سکرنڊ ۾ فوڊ کاتي جي پاران نئين ڪاتيدارن کي باڙدانو نه ڏيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

سرڪاري گدام جي آڏو سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي ۽ ڪاتيدارن جو پنجين ڏينهن به احتجاج جاري رهيو

محمد ايوب کوسو ڪيلا رام اوڊ محمد بچل ڏهيو عبدالقادر جيلاني امجد خانزاده ۽ ٻين پاران شرڪت

سکرنڊ (رپورٽر: فقير راج ڪماراوڏ) فوڊ کاتي جي پاران نئين ڪاتيدارن کي باڙدانو نه ڏيڻ سرڪاري اگهه 4000 روپيا في مڻ ڪڻڪ خريد نه ڪرڻ جي خلاف مجيد کيريو واري ڪڻڪ جي گدام جي آڏو سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي ۽ ڪاتيدارن جو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

مخدوم المخادير مخدوم محمد سجاد حسين قريشي رح جو سالياني 27 هون عرس ملهايو ويو

حسام الدين پيٽو، ضمير حسين پيٽو، عبدالواحد پيٽو، غلام مرتضيٰ جروار، عبدالرسول ناريجو شريڪ ٿيا

سجاد حسين جي روح کي ايصال ثواب لاءِ خيرات جو بندوبست ڪيو ويو روزائتن کي روزو افطار ڪرايو ويو

ٺٽون ديرو (رپورٽ شاد محمود پيٽو) پنجاب جو اڳوڻو گورنر ۽ مخدوم المخادير مخدوم محمد سجاد حسين قريشي رح جو سالياني 27 هون عرس آستانه زڪريا ٺٽون ديرو تي ملهايو ويو. مريدن، عقيدت مندن جي وڏي انگ ۾ شرڪت. تفصيل موجب درگاهه حضرت غوث بهاءُ الحق ملتاني رح جي گادي نشين مخدوم شاهه محمود /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15


ٺٽون ديرو: مخدوم سجاد حسين قريشي جو 27 هون عرس ملهايو پيو وڃي

نوشهرو فيروز پرسان پڳل موري وٽ ڦورن ۽ پوليس ۾ مبينا مقابلو، هڪ ڄڻو زخمي

پڳل موري وٽ 2 ڦورو ڦر جي ارادي سان بيٺا هئا پوليس کي ڏسي فائرنگ ڪري ڏني

جوابدار امتياز پيرزاده جي گهر ۾ لڳل ڌاڙي ۾ پڻ ملوث هيو وڏي گينگ جو اڳواڻ آهي: پوليس

نوشهرو فيروز(رپورٽر: منظور ملڪ) نوشهرو فيروز پرسان پڳل موري وٽ ڦورن ۽ پوليس ۾ مقابلو هڪ ڄڻو زخمي هڪ پهچي وڃڻ ۾ ڪامياب پڳل موري وٽ 2 ڦورو ڦر جي ارادي سان بيٺا هئا پوليس کي ڏسي فائرنگ پوليس جي جوابي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

ٺٽي ۾ ڪروڙين روپين جي بجيٽ وصول ڪندڙ اين جي اوز ۽ سماجي تنظيمون غائب

لکين ماڻهن ۾ هن پيري ڪنهن به سرڪاري يا غير سرڪاري اداري طرفان راشن نه ورهايو ويو

ڪراچي ٺٽي جون مختلف تنظيمون ۽ سماجي ڪارڪن ٺٽي جي غريب عوام ۾ راشن ورهائيندا هئا

ٺٽو(رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) ڪروڙين روپين جي بجيٽ وصول ڪندڙ اين جي اوز ۽ سماجي تنظيمون غائب ٺٽي ضلعي جي لکين غريبن ۾ راشن ورهائجي نه سگهيو آهي. ٺٽي ضلعي جي لکين ماڻهن ۾ هن پيري ڪنهن به سرڪاري يا غير /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

سنڌ ۾ بدامني اغوا ڪاري ۽ مهنگائي سبب عوام جو جيئڻ جنجال ٿي ويو آهي: حيدر شاهاڻي

مٽياري ۾ به ڪچي واري صورتحال لڳي وئي، ڏينهن ڏٺي جو ڦورون ٿي رهيون آهن: هوت خان گاڏهي

مٽياري امن ولين جو شهر ۽ اڪثريت پڙهيل لکيل مڊل ڪلاس طبقي سبب پنهنجي الڳ سڃاڻ رکي ٿو

گهوٽڪي سکر خيرپور ۾ ڪچه سؤ ڌاڙيلن جو قبضو آهي نه ڏينهن جو تحفظ آهي ۽ رات جو ڪو محفوظ آهي

مٽياري (رپورٽر) سنڌ وڏتڌڙ بدامني اغوا ڪاري ۽ مهنگائي سبب عوام جو جيئڻ جنجال ٿي ويو آ مٽياري ۾ به ڪچي واري صورتحال لڳي وئي ڏينهن ڏٺي جو ڦرون ايس ٽي پي وائيس چيئرمين حيدر شاهاڻي، مرڪزي اڳواڻ هوت خان گاڏهي شوڪت ابڙو محمد علي ابڙو ايڊووڪيٽ غلام حسين مهيسر نصرت حسين چن، ايڊووڪيٽ اڪبر خدري ۽ جنيد ابڙو ۽ ٻين پاران مٽياري جي نوجوان سياسي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01


مٽياري: ايس ٽي پي اڳواڻ حيدر شاهاڻي ۽ ٻيا پريس ڪانفرنس ڪري رهيا آهن

دادو مورو روڊ تي تيز رفتار ٽالر ۽
موٽرسائيڪل ۾ ٽڪر ٿيڻ سبب
پيرسن فوت

دادو(ن سنڌيار) دادو مورو روڊ تي تيز رفتار ٽالر ۽ موٽرسائيڪل ۾ ٽڪر ٿيڻ جي نتيجي ۾ موٽر سائيڪل سوار ڪانڌڙا ڪالوني جو رهواسي پيرسن محمد ابراهيم ماڇي سخت زخمي جيڪو زخمن جا تاب نه سهندي موقعي تي فوت ٿي ويو اطلاع ملڻ تي دادو اي سيڪشن پوليس واقعي واري هنڌ پهچي فوتي جو مڙهه سول اسپتال /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

دادو ۾ ماڊل ڪرمنل ٽرائل ڪورٽ ۾ امر رباب چانڊيو جي 3 گهرڀاتين جي قتل ڪيس جي ٻڌڻي

حسن علي ڪلوڙ جي عدالت ۾ فريادي پرويز چانڊيو وڪيل صلاح الدين پنهور سان گڏ عدالت پهتو

جوابدارن علي گوهر چانڊيو، ذوالفقار چانڊيو، عبدالڪريم چانڊيو ۽ ٻين کي جيل کان عدالت ۾ آندو ويو

جوابدار پ پ ايم پي اي برهان خان چانڊيو ملڪ کان ٻاهر هجڻ ڪري عدالت ۾ پهچي نه سگهيو

دادو(رپورٽ عزيزالله خاصخيلي) دادو ۾ ماڊل ڪرمنل ٽرائل ڪورٽ ۾ امر رباب چانڊيو جي 3 گهرڀاتين جي قتل ڪيس جي ٻڌڻي ٿي گذري، ماڊل ڪرمنل ٽرائل ڪورٽ جي جج حسن علي ڪلوڙ جي عدالت ۾ فريادي پرويز چانڊيو پنهنجي وڪيل صلاح الدين پنهور سان گڏ عدالت پهتو الزام هيٺ آيل پ پ ايم پي اي سردار احمد چانڊيو عدالت ۾ پهتو جڏهن ته هن تيئي قتل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

سکر پريس ڪلب اڳيان معصوم علي اصغر منگريو اغوا ٿيل جي بازيابي لاءِ احتجاج

علي اصغر منگريو کي 2015 ۾ جوابدارن سکر جي ايوب گيٽ وٽان اغوا ڪيو هو

زاهد حسين منگريو اعظم منگريو، محمد علي احمد علي مگريو ۽ ٻين پاران نوٽيس جي گهر

سکر(بيورو رپورٽ) سکر پريس ڪلب اڳيان معصوم علي اصغر منگريو اغوا ٿيل جي بازيابي لاءِ 186 هين ڏينهن لڳاتار رات ڏينهن احتجاج /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04



ڪڪڙ ويجهو شرپسندن پورهيت جي ڪٽڪ جي ديري کي باهه ڏئي ڇڏي، احتجاجي مظاهرو

ڳوٺ لعل شاهه ۾ شرپسندن پورهيت سيد نجف علي شاهه ۽ سيد علي گوهر شاهه جا فصل ساڙي ڇڏيا

شرپسند اڄن شاهه عرف مراد شاهه، مختيار جوٽيجو ۽ نامعلوم گڏجي ڪٽڪ جي ديري کي باهه ڏني: متاثرين

نوٽيس وٺي شرپسندن خلاف ڪارروائي ڪري کين گرفتار ڪري متن ڪيس داخل ڪري ساڻس انصاف ڪيو وڃي

ڪڪڙ(رپورٽر) ڪڪڙ ويجهو شرپسندن پورهيت جي ڪٽڪ جي ديري کي باهه ڏئي ڇڏي، سمورو اناج سڙي رک، پورهيت جو احتجاج خبر موجب: ڪڪڙ ويجهو رڪن ٿاڻي جي حد ڳوٺ لعل شاهه ۾ شرپسندن پورهيت سيد نجف علي شاهه ۽ سيد علي گوهر شاهه جي اڻن جرپسن جي رکيل ڪٽڪ جي ديري کي باهه ڏئي ڇڏي جنهن سبب ڏسندي ڏسندي سمورو اناج سڙي رک /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05


ڪڪڙ: ڳوٺ لعل شاهه ۾ شرپسندن پاران ڪٽڪ جي ديري کي ڏنل باهه

ٽنڊوجام جي رورل هيلٿ سينٽر ۾
صحت جو عالمي ڏهاڙو ملهايو
ويو، ساجاهه وندن پاران شرڪت

ٽنڊوجام (رپورٽر) ٽنڊوجام جي رورل هيلٿ سينٽر ۾ ڊاڪٽر ظفر ڏاريجو جي اڳواڻي ۾ صحت جو عالمي ڏهاڙو ملهايو ويو. ڏهاڙي جي مناسبت سان عورتن، مردن ۽ ٻين آيلن کي سٺي صحت کي برقرار رکڻ لاءِ ماهر ڊاڪٽرن ليڪچر ڏنا، انهي موقعي تي ايم ايس رورل هيلٿ سينٽر ڊاڪٽر ظفر ڏاريجو، ڊاڪٽر نويد ميمڻ، ڊاڪٽر انيلا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

عيد ويجهو اچڻ باوجود بدين جي 3500 مستحق غريب ماڻهن کي زڪوات جا پئسا نه مليا

عورتون سنڌ بئنڪ جي بائيو مئٽرڪ سسٽم ڪرائڻ واري شرط غريبن کان عيد وڃائي ڇڏي

3500 سئو مستحق مردن عورتن کي 14000 هزار روپين جي حساب سان عيد الائونس طور ڏنا ويا

بائيو مئٽرڪ درست نه ٿيڻ ڪري سنڌن ڪارڊ بلاڪ ٿيل آهن جنهن ڪري رقم ڏيڻ ۾ دير ٿي رهي آهي

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) عيد ويجهو اچڻ باوجود بدين جي 3500 مستحق غريب ماڻهن کي عشر زڪوات مان جاري ٿيندڙ رقم ملي نه سگهي مستحق مرد ۽ عورتون سنڌ بئنڪ جي بائيو مئٽرڪ سسٽم ڪرائڻ واري شرط غريبن کان عيد وڃائي ڇڏي آهي عشر زڪوات آفيسر بائيو مئٽرڪ سسٽم ڪرائڻ لاءِ عشر زڪوات خود پاليسي جوڙي آهي سنڌ بئنڪ جو مئنيجر، بائيو مئٽرڪ/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

مناسب پرگهور لهڻ بدران اسان کي شهري ۽ انسان ئي نه ٿو سمجهو وڃي: نابين اڳواڻ

نابينن پاران گهڻ رخي ٻي حسي جي نشاندهي بدترين حالتن ۾ بهترين ڪردار ادا ڪرڻ جو وچن

عزت نفس مجروع ڪرڻ وارا واقعا افسوسناڪ آهن ڪامورا پاڻ کي "برهمڻ" ۽ "شودر" سمجهن ٿا

شڪارپور ۾ پاڪستان بلائينڊ ايسوسيئيشن شڪارپور طرفان افطار پارٽي جو بندوبست ڪيو ويو

شڪارپور (رپورٽر: عبدالخالق سومرو) شڪارپور ۾ نابينن جو گهڻ رخي ٻي حسي جي نشاندهي بدترين حالتن ۾ بهترين ڪردار ادا ڪرڻ جو وچن دنيا جي روشني ۽ رنگينين ڏسڻ کان محروم ماڻهن جي شڪارپور ۾ موجود تنظيم پاران عيد سوڪڙين ورهائڻ واري تقريب کي خطاب ڪندي تنظيم جي صدر عبدالجبار ميرائي چيو آهي ته حڪومتي ، سياسي ۽ انتظامي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08



شڪارپور: افطار پروگرام ۾ هڪ نابين خطاب ڪري رهيو آهي

ميرپور ماٿيلو بوزدار برادري جي چيف
سردار رحيم بخش خان بوزدار جي جنازه
نماز ادا ڪئي وئي

گهوٽڪي (رپورٽر) ميرپور ماٿيلو: اڳوڻي ايم پي اي، بوزدار برادري جي چيف سردار رحيم بخش خان بوزدار جي جنازه نماز ڳوٺ چاڪر ۾ ادا ڪئي وئي، پ پ پ جي ايم اين اي سردار علي گوهر خان مهر، صوبائي وزير سردار محمد بخش خان مهر، پ پ پ ايم پي اي راجا خان مهر، اڳوڻو صوبائي وزير عبدالباري خان پتافي، لنڊ برادري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

ٽنڊو محمد خان مان منشيات، ڪچي شراب، مين پوڙي گٽڪي ۾ ملوث جوابدار گرفتار

ٽن جوابدارن سميت 48 ڏوهارين کي گرفتار ڪري سندن خلاف ايف آءِ آر داخل ڪئي وئي آهي

مهيني دوران علائقي ۾ امن امان تي ضابطو آڻڻ ڏوهارين خلاف ڪريڪ ڊائون شروع ڪيو ويو آهي

ڪچي شراب جا ذخيرا، مين پوڙي گهٽڪي جي تياري جو سامان، 3 ڦر ڪيل موٽر سائيڪلون برآمد ڪيون ويون

ٽنڊو محمد خان (ٻر مظفر علي بروهي) ٽنڊو محمد خان مان منشيات، ڪچي شراب، مين پوڙي گهٽڪي، موٽر سائيڪل ڦورن ڪندڙ 3 جوابدارن سميت 48 ڏوهارين کي گرفتار ڪري سندن خلاف ايف آءِ آر داخل ڪئي وئي آهي، ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان سيد امداد شاهه ڊسٽرڪٽ پوليس ڪامپليڪس ۾ صحافين کي پريس بريفنگ دوران اهڙي دعويٰ ڪئي آهي، هن چيو ته /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظير آباد پاران واٽر سپلاءِ اسڪيم ، اربن ڊرينيج اسڪيم جو دورو

ڊي سي هلندڙ ترقياتي ڪم ۽ غريب آباد ڊسپوزل تي جاري سولر سسٽم جي ڪم جو معائنو ڪيو

ترقياتي اسڪيمن کي جلد مڪمل ڪرڻ سان گڏوگڏ اسڪيمن ۾ معياري مٽيريل استعمال ڪيو وڃي

ڊسپوزل تي سولر سسٽم لڳڻ ڪانپوءِ غريب آباد ۾ گندي پاڻيءَ جي نيڪال وارو مسئلو حل ٿي ويندو

سڪرنڊ (رپورٽر) ڊپٽي ڪمشنر شهيد بينظير آباد زاهد حسين رند نواب شاهه پرسان خير شاهه واٽر سپلاءِ اسڪيم، اربن ڊرينيج اسڪيم، ماڊل ٽائون ڊرينيج اسڪيم فقير جي کوهي جي هلندڙ ترقياتي ڪم ۽ غريب آباد ڊسپوزل تي جاري سولر سسٽم جي ڪم جو معائنو ڪيو ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر زاهد حسين رند پبلڪ هيلٿ کاتي جي عملدارن کي هدايت ڪئي ذخيره شاهه ۾ واٽر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11


نوابشاهه: ڊپٽي ڪمشنر پبلڪ هيلٿ ڊپارٽمينٽ پاران جاري ڪم جو معائنو ڪري رهيو آهي

جام صاحب ۾ شيعه تنظيمن پاران
يوم القدس ريلي ڪڍي اسرائيل
خلاف مظاهرو

نوابشاهه (رپورٽر) جام صاحب ۾ شيعه تنظيمن پاران يوم القدس ريلي ڪڍي اسرائيل ۽ آمريڪا خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي. احتجاجي ريلي امام بارگاهه ابوالفضل عباس کان ڪڍي وئي، جنهن ۾ وڏي تعداد ۾ مؤمنن شرڪت ڪئي جيڪا مختلف چوڪن کان ٿيندي بئنڪ چوڪ تي پهتي جتي مذهبي شيعه /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

*** روزاني سنڌيار ڪراچي سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي آفيس نمبر 807 ٽريڊ ٽاور عبدالله هارون روڊ ڪراچي مان پڌري ڪئي وئي *** رابطي لاءِ: 02135650370، فيڪس: 02135650371

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

آچر 07 اپريل 2024ع

نہ ڪڻڪ جا خريداري مرڪز کليا ، نہ باردانو فراهم ٿيو!

هونئن تہ سنڌ سرڪار جي سمورن کاتن جي ڪارڪردگي بنھہ ناقص رهي آهي، جن ۾ بہ فهرست جي مهڙ ۾ رهڻ واري اعزاز جو دفاع ڪندڙ کاتن ۾ خوراڪ کاتو پڻ شامل آهي. اهو کاتو سنڌ ۾ ڪيترن ئي سالن کان نہ صرف ڪڻڪ جي خريداريءَ جو سرڪاري هدف پورو نہ ڪري سگهڻ جو رڪارڊ رکي ٿو پر خريداري مرڪز دير سان قائم ڪرڻ ۽ وقت سر باردانو جي فراهميءَ جي ذميواري پوري ڪرڻ ۾ ڪوتاهيءَ جو پڻ "اعزاز" رکندڙ آهي. ڪڻڪ جي هلندڙ سيزن ۾ بہ ان اهم ڪاتي جي نا اهليءَ جو ورجاءُ نظر اچي رهيو آهي. سنڌ جي مختلف شهرن ۾ ڪڻڪ جا سرڪاري خريداري مرڪز قائم نہ ٿيڻ ۽ باردانو فراهم نہ ڪرڻ جون خبرون رپورٽ ٿي رهيون آهن. ننڍا آبادگار مجبور ٿي ڪڻڪ سستي اگهہ تي کليل مارڪيٽ ۾ وڪڻي رهيا آهن. جو بي اعتبار موسم جي ڪري اهي نہ ڪڻڪ کي ڪري ۾ رکي ٿا سگهن ۽ نہ وري ذخيرو ڪري ٿا سگهن.

حڪمراني عوام جي خدمت جو نالو آهي ۽ عوام جي خدمت ئي حقوق العباد جي حقيقي تڪميل آهي. پر اياڳ اهو آهي تہ اسان جي حڪمران حڪمرانيءَ کي عوام جي مينڊيٽ جي بنياد تي مليل اهم ذميواري نہ پر دلپشوري سمجهي ورتو آهي. اهي پاڻ کي 'ظلِ سبحاني' ۽ عوام کي هيٺين ۽ محڪوم رعيت سمجهن ٿا. اهي بادشاهي جا هيراڪ رهيا آهن ۽ عوام انهن لاءِ عام رعايا. انهن جو ڪم بادشاهي ڪرڻ آهي، عوام جا مسئلا حل ڪرڻ نہ! انهن جي حڪمرانيءَ جو هن وقت بہ اهم جز پنهنجي جاهہ ۽ جلال جو ڏاڪو جمائڻ آهي. انهن جو عوام جي مسئلن سان ڇا وڃي! سنڌ ۾ عوام طرفان پڇاڻي جي روايت رهي ئي ڪانهي. عوام کي ووٽ ڏيڻ جي مشين سمجهيو وڃي ٿو، جنهن جو ڪم ووٽ جي نيڪي ڪري ويسرجي ڪوهہ ۾ اڇلائي ڇڏڻ آهي. خوراڪ کاتي جي منتريءَ طرفان ڪڻڪ جا خريداري مرڪز کولڻ جو اعلان تہ ڪيو وڃي ٿو پر انهن اعلانن تي عمل نٿو ٿئي ۽ خريداري مرڪز قائم ڪرڻ ۾ دير سان سديءَ ريت ٻاهرين صوبن جي واپارين ۽ ذخيرا اندوزي ڪندڙن کي سستي اگهہ تي ڪڻڪ جي خريداري جا موقعا فراهم ڪرڻ ناهي تہ ڇا ٿيو آهي؟ ٻيو اهم معاملو باردانو جو آهي ۽ ننڍن آبادگارن کي باردانو نٿو ملي. ننڍا آبادگار اهي دانهون ڪندا رهن ٿا تہ باردانو لاءِ بہ خوراڪ کاتي جي عملدارن جي مٺ گرم ڪرائي وڃي ٿي يا وري باردانو سياسي چٺي ۽ سفارش تي ملي ٿو، جنهنڪري اهي ان کان محروم رهجيو وڃن ۽ ڪين مجبور ٿي ڪڻڪ کليل مارڪيٽ ۾ سستي اگهہ تي وڪڻي پوي ٿي. اهو ڪڻڪ اپائيندڙ ننڍن آبادگارن جو معاشي قتل عام نہ آهي تہ ٻيو ڇا آهي؟ ڪڻڪ خريداريءَ جا سرڪاري مرڪز دير سان قائم ٿيڻ جي ڪري خوراڪ کاتو خريداري هدف ڪيترن ئي سالن کان پورو نہ پيو ڪري سگهي ۽ هن سيزن ۾ سرڪاري اڪابرن طرفان حل اهو ڪڍيو ويو آهي، جو اهو خريداري هدف گهٽايو ويو آهي. سيزن جي آخر ۾ جڏهن خريداري هدف پورو نہ ٿي سگهندو آهي تہ خوراڪ کاتي جا نا اهل ڪامورا، پوليس سان گڏجي شاهراهن تان ڪڻڪ جون ڪجهہ ٽرڪون پڪڙي فوٽو سيشن ڪري پنهنجي ڪارڪردگي ڏيکاريندا آهن يا وري خانگي گودامن تي ڇاپا هڻي ذخيرو ڪيل ڪڻڪ قبضي ۾ وٺندا آهن.

اسان اڳ ۾ بہ هنن ئي ڪالمن ۾ اهو چوندا رهيا آهيون تہ خوراڪ کاتو خريداري مرڪز قائم نہ ڪري ۽ باردانو وقت سر مهيا نہ ڪري هڪ طرف ننڍن آبادگارن ۽ هارين جو معاشي قتلام پيو ڪري تہ ٻئي طرف خريداري هدف پورو نہ ڪرڻ سان فوڊ سيڪيورٽي جو مسئلو بہ لاڳاپيل آهي. گلوبل وارمنگ ۽ ماحولياتي تباهي سبب ٻوڏون، سوڪهڙو، ڏڪار ۽ ٻيون قدرتي آفتون معمول بڻجنديون وڃن، اهڙي صورتحال ۾ خوراڪ کاتي جو خريداري مرڪز قائم نہ ڪرڻ ۽ خريداري هدف گهٽائڻ غير ذميوارانو عمل آهي. سنڌ جي وڏي وزير کي خوراڪ کاتي جي ان انتظامي نا اهلي جو نوٽيس وٺڻ گهرجي، چو تہ ادارن ۽ کاتن جي مجموعي ڪارڪردگي ئي گورننس جو پروفائل جوڙيندي آهي.


'انا کان اڳتي نڪتل، سنڌ جو وڏو، بشير خان قريشي'

ليکڪ: انصاف علي عباسي

7 اپريل 2012 تي سنڌ کان وڇڙي ويل سچي ليڊر بشير خان قريشي جي اڄ ٻارهين ورسي آهي ۽ سنڌ جي مختلف شهرن، واهڻن وستين ۾ سنڌس پرستار مختلف طريقن سان ياد ڪري خراج پيش ڪندا هوندا. افسوس اهو آهي تہ سنڌ جي هن سچي عاشق جي مشڪوڪ حالتن ۾ ٿيل وفات جو معمواچ تائين حل ناهي ٿي سگهيو. پاڪستان جهڙي ملڪ ۾ اها ڳالهہ نئين بہ ناهي چو تہ ملڪ جي باني محمد علي جناح جي ايمبولينس کي تيل نہ ملڻ، لياقت علي خان جي قتل ۽ فاطمہ جناح جي ايوبي آمريت ۾ مشڪوڪ حالتن ۾ وفات جا معما بہ حل نہ ٿي سگهيا تہ بشير خان جي موت جو معاملو ڪٿان حل ٿئي؟

بشير خان سان منهنجي گهڻي گهاٽائي تہ ڪو نہ هئي پر هن سان ٿيل ملاقاتن جو ذڪر هن موقعي تي سنگت سان شيئر ڪريون ٿا. مونکي صحيح ياد تہ ناهي پر مان سمجهان ٿو تہ اهو ڪو 80ع وارو ڏهاڪو هو، جو منهنجي ارشاد اڄڻ سان عليڪ سليڪ ٿي پوءِ سٽت ئي 83ع ۾ ايم. آر. ڊي واري تحريڪ دوران جيل وڃڻو پيو، جتي ارشاد اڄڻ سان رسمي واسطي مان تعلق گهاٽي ياريءَ ۾ تبديل ٿي ويو.

هڪ ڏينهن شام جو ارشاد اڄڻ جي اوطاق تي ويٺو هئس تہ ڏهاڪو کن ڪاليجي ڇوڪرن جو ٽولو اچي اوطاق تي نڪتو ۽ استاد گل اڄڻ جي پڇا ڪيائون. استاد گل جي اڄڻ تائين سنگت سان تعارف ٿيو، نذير منگي، ظفر منگي ۽ امداد منگي وارن سان تہ سچاٽپ هئي پر سنگت ۾ جيڪو گهٽو سهٽو هيو ان جو نالو بشير قريشي پئي ٻڌايائون. استاد گل جي اڄڻ تي ارشاد ۽ مان وڃي ڪنڊ ورتي سين ۽ پنهنجي ڪچهريءَ ۾ شروع ٿي وياسين. رات جي ٻارهين وڳي سنگت موڪلائڻ شروع ڪيو ارشاد بہ اوطاق جا اوڪا، پوڪا لاهي گهر روانو ٿيو، اوطاق ۾ وڃي ٻچياسين مان، بشير خان قريشي ۽ استاد گل اڄڻ. ٻارهين کان پوءِ اسان ٽنهي جي وري پاڻ ۾ ڪچهري شروع ٿي، جيڪا رات ٻين وڳي تائين هلي، اوٻارين، لنهوارين ۽ سياسي مٽي ماريءَ کان پوءِ استاد گل اڄڻ کي پنهنجو هٿ ڏيکاريوسون ۽ پنهنجي قسمت پڇي سون؟ استاد گل اڄڻ جيڪو پنهنجي علائقي جو مشهور پامسٽ آهي، تنهن منهنجو هٿ ڏسي چيو تہ "تنهنجي هٿ ۾ روحانيت جي لڪير وڏي آهي، تون تعويذ لکندين ۽ تنهنجي پنهنجي درگاهہ هوندي." بشير خان قريشيءَ جو هٿ ڏسي چيائين تہ "تنهنجي هٿ ۾ دماغ جي لڪير وڏي آهي، تون هڪ طاقتور دماغ آهين، تون جهاز اڏائيندين." اها ڳالهہ پنهي کي دل سان نہ لڳي، ان ڪري چپ ڪري سمهي پياسين.



1990ع واري ڏهاڪي ۾ اسان جو پيارو سرو يار ساگر حنيف ٻڙدي (مرحوم) "سنڌ ساگر پارٽي" کي ڇڏي، جسقم ۾ شموليت اختيار ڪئي ۽ سٽت ئي جيل روانو ٿي ويو. جيل جي مهماني کان پوءِ هو بشير خان قريشي جو پيارو ماڻهو ٿي اڀريو. عقوبت خانن ۾ رهڻ سان روح جون اکيون کلي پيون هئس. سيبتو ۽ نظرياتي طرح پختو ٿي چڪو هو. بشير خان قريشي جا احوال ائين پئي ٻڌايائين جيئن ڪنهن مندر جو وڏو پوڄاري پنهنجي مندر جي ڀڳوان جي مقبوليت جا قصا پيو ٻڌائيندو آهي. حنيف ساگر ٻڙديءَ جي معرفت هڪ دفعو ٻيهر بشير خان قريشي سان ملاقات ٿي، ان وقت هو ڪاليج جو نوجوان شاگرد نہ پر سنڌ جو ليڊر بشير خان قريشي هو ۽ سنڌي ماڻهن جي دلين ۾ سٺي جاءِ والاري چڪو هو. ڇڳا پلا پير، مير ۽ پوتار، بشير خان قريشيءَ کي پنهنجي لاءِ ڇانورو سمجهندا هئا. ان ملاقات ۾ استاد گل اڄڻ کي بہ ياد ڪيوسون. بشير خان قريشيءَ مون کان پڇا ڪئي تہ وڏا تون تعويذ تہ نہ پيو لکين؟ مان چيو نہ وڏا، تنهن تي پاڻ ڪلي چيائين تہ مان بہ جهاز نہ پيو اڏاريان. تنهن تي سنڌ جي سخنور رائيٽر فقير امداد علي ملاح چيو تہ بشير خان اوهان پي. آءِ اي پي. اي. ايف جا جهاز تہ نٿا اڏاريا پر سنڌ جي هيسيل ۽ ڪمزور قومي ڪارڪنن کي پرواز جا گر سيکاري ڇڏيا اٿئي.

سن 2000ع تائين قومپرست تنظيمن جا اڳواڻ سنڌ جي علائقائي ۽ قبيلائي جهيڙن مان اهو چئي جان ڇڏائيندا هئا تہ اهو ٻن ذاتين يا برادرين جو مسئلو آهي ۽ اسان جي جدوجهد سنڌي قوم لاءِ آهي. ليڪن بشير خان قريشيءَ جو ان معاملي بابت موقف سڀني کان مختلف هو ۽ هو قبيلائي جهيڙن کي سنڌ جو قومي نقصان سمجهندو هو. هو صرف سمجهڻ جي حد تائين محدود نہ هو پر عملي طور جهيڙيندڙ ڌرين ۾ ناهہ جي عملي ڪوشش ڪندو رهندو هو ان ڪوشش ۾ منٿ ميڙ قافلا، ٻانهون ٻڌڻ ۽ هيٺ ويهڻ تائين ۾ بہ عار محسوس نہ ڪندو هو.

7 اپريل 2012ع تي بشير خان قريشي راهہ رباني جو راهي ٿيو بشير خان جون دوستن، عزيزن ۽ ڪارڪنن وٽ سندس لاءِ ڪئي حيثيتون هونديون، ليڪن منهنجي خيال ۾ بشير خان قريشي سنڌ جو هڪڙوئي سياستدان هو، جيڪو انائن کان اڳتي هو. الله سائين شل مغفرت ڪري. قومي ليڊرن کي جيڪي انائن جي گهوڙن تان اڃان تائين ناهن لهي سگهيا ۽ سندن انائن جي چڪر ۾ سنڌ جي پينگ ٿي چڪي آهي.

(نوٽ، هي مضمون منهنجي ايجا تائين اڻ ڇپيل ڪتاب 'انصاف جي ڪٿا' جو حصو آهي پر وروسي جي نسبت سان روزاني سنڌيار وسيلي وندُ ڪيو اٿم)

هَڻُ حبيبَ! هَٿُ ڪٽِي، ٻَنگان لهِي ٻاڻُ؛
ماڳهين مون مِنهُن ٿِئي، جهولِيءَ وِجهان ٻاڻُ؛
اِنَ پَرسَاجَنَ سَاڻُ، مانَ مقابلو مون ٿِئي.

ليلتہ القدر رات جي فضيلت

فاروق احمد گهنجو

اي ايمان وارؤ اوهان تي روزا فرض ڪيا ويا آهن جيئن اڳين نبين جي امتن تي روزا فرض ڪيا ويا هئا جيئن اوهان ۾ تقوي پرهيزگاري جو روح پيدا ٿئي انهيءَ لاءِ روزا فرض ڪيا ويا هڪ آيات سڳوري ۾ الله تعالي رمضان شريف جي روزن جي فرض ٿيڻ جو بيان فرمائي ٿو اهي روزا نہ رڳو اوهان تي فرض ڪيا ويا آهن پر اڳين نبين جي امتن تي بہ فرض ڪيا ويا هئا حضرت آدم عليہ السلام تي ايام بيض جا روزا فرض هئا يعني هر مهيني جي تيرهين چوڏهين ۽ پندرهين جا روزا فرض هئا يهودين تي عاشورا جو هر هفتي ۾ ڇنڇر جو روزو مقرر ٿيو عيسائين تي رمضان جا روزا مقرر هئا امام بخاري اهڙي روايت آندي آهي تہ روزا رکڻ سان انسان پرهيزگار ۽ تقوي وارو ٿئي ٿو دنيا ۽ آخرت جي نقصانن کان رب جي پناهہ ۾ هجي ٿو هونئن تہ پورو رمضان شريف برڪتن وارو مهينو آهي پر رمضان شريف جو پويون ڏهاڪو پهرين ٻن ڏهاڪن کان وڌيڪ افضل آهي هر مڪتب جي علماءِ ڪرام مطابق تہ رمضان شريف جي پوئين ڏهاڪي ۾ قدر جي رات آهي ان رات جي شان جيڪا رات هزار مهينن کان بہ افضل آهي ان رات جاڳي عبادت ڪرڻ پنهنجي پالڻهار ۽ ان جي محبوب ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن کي ريجهائي صوم صلوات پڙهڻ گهرجي. رب ڪريم طرفان اها پلاري رات خاص پنهنجي محبوب ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي امت کي ڏني وئي جنهن رات لاءِ هڪ لک چوويهہ هزار انبياءَ ڪرام سڪندا ويا پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن فرمايو آهي تہ هن پلاري رات کي رمضان شريف جي پوئين ڏهاڪي جي اڪي راتين يعني 21,23,25,27,29 ۾ شب قدر آهي انهي ڪري پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن پوئين ڏهاڪي ۾ اعتڪاف ۾ ويهندا هئا ويهڻ تاريخ جو روزو رکي پاڻ ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن مسجد کان ٻاهر نہ نڪرندا هئا رات ڏينهن مسجد ۾ رهندا هئا مسجد شريف کان پير مبارڪ بہ ٻاهر نہ رکندا هئا سمورو پويون ڏهاڪو مسجد ۾ عبادت فرمائيندا هئا اسان مسلمانن کي بہ گهرجي تہ امام الانبياءَ خاتم المرسلين جي عمل جي پيروي ڪيون ليلتہ القدر جي اهميت فضيلت کي سمجهون ۽ ان رات جاڳي پنهنجي رب ڪريم کي ٻاڏايون

ليلتہ القدر جي اهميت ۽ فضيلت تي هڪ مڪمل سورت نازل ٿي، جنهن مان ان جي فضيلت جو بخوبي اندازو لڳائي سگهجي ٿو

شب قدر جي رات چار وڏا ملائڪ لوائيحمد جا جهنڊا کڻي عرشي فرشي ملائڪن کي ساڻ ڪري زمين تي لهندا آهن محبوب ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جي امت کي ندا ڪندا آهن تہ آهي ڪوئي جيڪو رب جي رحمت گهري عرشي، فرشي ملائڪ پنهنجي پالڻهار جي حڪم سان هر ڪنهن شيءِ تي فجر جي نماز تائين سلامتي گهرندا آهن

ترجمو ڪنز العرفان: بيشڪ اسان قرآن پاڪ کي شب قدر ۾ نازل ڪيو ۽ توهان کي خبر آهي تہ شب قدر ڇا آهي؟ شب قدر هزار مهينن کان بهتر آهي

حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنہ کان روايت آهي تہ رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن فرمايو تہ الله تعالي منهنجي امت کي شب قدر جو تحفو ڏنو آهي هن کان اڳ ڪنهن نبي جي امت کي اها رات نصيب ناهي ٿي (مسند فردوس، باب الف، 1/173، حديث: 647)

مفتي نعيم الدين مراد آباديءَ رحمة الله عليہ جن فرمائن ٿا: "الله تعاليٰ جو پنهنجي محبوب ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم تي اهو فضل آهي جن جي امت تي رحمتون نازل ٿيون. اسان کي گهرجي تہ شب قدر ۾ رات جاڳي عبادت ڪريون ان جو ثواب گذريل امتن جي ماڻهن کان وڌيڪ حاصل ڪجي ۽ هزار مهينن جو ثواب عبادت ڪجي.

حضرت مفتي احمد يار خان نعيمي رحمة الله عليہ جن فرمائن ٿا تہ هڪ هي تہ عظيم رات ٻين راتين جي مقابلي ۾ تمام گهڻي فائدي واري آهي، اها فضيلت شب قدر ۾ الله وارن سان نسبت رکڻ سان ابدي زندگي ۾ عزت عطا ڪئي وڃي ٿي ۽ ٻيو تہ قرآن پاڪ سڀني آسماني ڪتابن کان افضل آهي، ڇاڪاڻ تہ توريت ۽ انجيل جي نزول جي تاريخ کي بہ ايتري اهميت نہ ملي. جيتري اهميت رب العالمين پنهنجي محبوب ڪريم صلي الله عليہ وآلہ وسلم جن جي پاڪ ڪلام جي عظمت کي بلند ڪيو

بقايا 01

ڪاظم جتوئي ۽ ناٿي وارو سيڪريٽري فياض جتوئي شرڪت ڪئي. وڏي وزير چيو تہ پنٽي پبل ڳوٺن جي بجلي پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت سولر/ونڊ هائبرڊ ذريعي ڪري سگهجي ٿي. سسٽم کي پائيدار طريقي سان هلائڻ لاءِ خانگي شعبي/ ڪميونٽي کي مقرر ڪيو ويندو. وڏي وزير چيو تہ ٽيڪنيڪل اسٽاف جي پگهارن سميت سسٽم هلائڻ جو خرچ سميت سندس حڪومت وقت بوقت بيٽري مٽائڻ جو خرچ برداشت ڪندي. وڏي وزير کي بريفنگ ڏيندي توانائي واري صوبائي وزير ناصر شاهہ چيو تہ سنڌ سولر انرجي پروجيڪٽ (ايس ايس اي پي) سنڌ حڪومت جو هڪ اهڙو قدم آهي جنهن لاءِ عالمي بئنڪ پاران نومبر 2018ع ۾ ايڪنڪ ذريعي 100 ملين ڊالرن جو رعايتي قرض جي منظوري ڏني وئي هئي، ۽ جولاءِ 2023 ۾ نظرثاني ڪئي وئي. پروجيڪٽ جا چار حصا آهن جن ۾ 400 ميگاواٽ جي سولر پارڪ جو مسابقتي ٽينڊرنگ ذريعي قائم ڪرڻ؛ انهن ۾ 50 ميگاواٽ جي سرڪاري شعبي جي عمارتن جي سولرائيزيشن، 200,000 گهرن کي بجلي ڏيڻ لاءِ سولر هوم سسٽم ۽ سولر ٽيسٽنگ ليبارٽري قائم ڪرڻ ۽ سولر ٽيڪنيشنز جي تربيت ذريعي وڌائڻ شامل آهن. يوٽيلٽي اسڪيل سولر ڪمپونٽ (I-): جنوري 2023 ۾ زمين جا ٽي پارسل الاٽ ڪيا ويا جن ۾ مانجهند ضلعي جامشورو ۾ 50 ميگاواٽ لاءِ 250 ايڪڙ زمين، گوٺ هالڪاڻي/مرادبند ضلعي اولهہ ڪراچي ۾ 120 ميگاواٽ لاءِ 612 ايڪڙ زمين ۽ ديهہ مناگهر ضلعو ملير ۾ 150 ميگاواٽ لاءِ 600 ايڪڙ زمين شامل آهي. توانائي واري وزير وڏي وزير کي ٻڌايو تہ مانجهند ۽ ڪراچي جي هنڌن جي فزيبلٽي اسٽڊي مڪمل ڪئي وئي آهي. مانجهند ۽ ڪي اليڪٽرڪ سائيٽن جي اڳيرائي لاءِ ڪم مڪمل ڪيو ويو آهي. پنجن مان چار ڪمپنين مانجهند سائيٽ لاءِ اڳيرائي ڪئي جڏهن تہ ڪي اليڪٽرڪ سائيٽن لاءِ 16 ڪمپنيون اڳ ۾ ئي قابل آهن. وڏي وزير کي ٻڌايو ويو تہ مانجهند جي تجويز (RFP) دستاويزن جي درخواست نيپرا وٽ التوا هيٺ آهي ۽ اين ٽي ڊي سي ۽ ٻي پي آءِ ٻي وٽ گرڊ جي منظوري واري مسئلي سبب التواهيٺ آهن. پي پي آءِ بي جنوري 2024 ۾ پنهنجي تازي بورڊ جي اجلاس ۾ ايجنڊا تي بحث ڪندي اهو فيصلو ڪيو تہ نيپرا آر ايف پي جي منظوري ڏيڻ کان اڳ اين ٽي ڊي سي گرڊ اسٽڊي جي منظوري ڏيندو. ان تي وڏي وزير توانائي واري وزير کي هدايت ڪئي تہ هو نيپرا سان معاملا حل ڪري منصوبي جي رفتار تيز ڪري. وڌيڪ، ڪراچي سائيٽ لاءِ آر ايف پيز نيپرا پاران منظور ڪيا ويا ۽ 2 مارچ 2024ع تي اڳيرائي جو عمل شروع ڪيو ويو جلد چوديواري پٽ تعمير ڪئي ويندي. شمسي توانائي جو ورڇ ڪمپونٽ (II): وڏي وزير کي ٻڌايو ويو تہ سرڪاري شعبي جي 110 عمارتن تي 50 ميگاواٽ جو روف ٽاپ سولر لڳائڻ جو هدف آهي. پهرين مرحلي ۾ 21 ميگاواٽ جون 34 عمارتون اسپتالون شامل آهن جن مان 33 سائيٽون مڪمل ڪيون ويون آهن ۽ آخري سائيٽ جيڪب آباد سائيٽ تي انسٽاليشن جو ڪم پهرين مرحلي ۾ اپريل 2024 جي آخر تائين مڪمل ڪيو ويندو. ٻئي مرحلي ۾ 21 ميگاواٽ جي اسپتالن سان گڏ 34 عمارتون تعمير ڪيون ويون آهن. 35 سيڪڙو کان وڌيڪ ڪم مڪمل ٿي چڪو آهي ۽ سائيٽن کي 30 جون 2024 تائين ڪم ڪيو ويندو. ٽئين مرحلي ۾ 14 ميگاواٽ جي 51 عمارتن جو ڪم شروع ڪيو ويو آهي. چوٿين مرحلي ۾ قاسم آباد لڳون حيدرآباد ۾ 50 ميگاواٽ جو روف ٽاپ سولر واٽر اينڊ سينيٽيشن ايجنسي لڳايو ويندو. بيٽري بيڪ اپ سان 4 ميگاواٽ جو فلوٽنگ سولر غلام محمد بئراج حيدرآباد جي ويجهو لڳايو ويندو جنهن جو ٽريٽمينٽ پلانٽ سميت ڪل لوڊ 6.8 ميگاواٽ آهي. وڏي وزير کي ٻڌايو ويو تہ سولر هوم سسٽم تحت فقط 40 سيڪڙو سبسڊي ۽ سسٽم جي وڏي قيمت سبب ان پروپوزنٽ تي عمل درآمد ڪامياب نہ ٿي سگهيو جنهن سبب رڳو 322 سسٽم وڪرو ٿيا. نظرثاني ٿيل ورڇ واري حڪمت عملي: بينظير انڪم سپورٽ پروگرام (BISP) نيشنل سوشل اڪنامڪ رجسٽري (NSER) واري ڊيٽا کي ضلعي سطح تي مستحقين جي نشاندهي ڪرڻ لاءِ ڪتب آندو ويندو. انسٽال ٿيل ڪٽس جي آپريشن ۽ سار سنڀال لاسٽ مائل ڊسٽريبيوٽر (LMD) فائدو وٺندڙ گهراڻي جي ذميواري هوندي. وڏي وزير چيو تہ بي آءِ ايس پي جي مستحقن جي تجويز ڪيس ضروري ڪارروائي لاءِ پيش ڪري سگهجي ٿي. چيف منسٽر سولر ٽيڪنيشن ٽريننگ 10 ضلعن ۾ ڪئي وئي آهي ۽ 300 ٽيڪنيشن ڳوٺاڻي علائقن ۾ تربيت ڏني وئي آهي جنهن ۾ 50 سيڪڙو عورتن جي شموليت آهي.

بقايا 02

آهستي آهستي گهٽ ٿيندي. قمر زمان ڪائره چيو تہ آءِ ايم ايف کان ڊڪٽيشن وٺڻ ڪانسواءِ ڪو بہ آپشن ناهي، آءِ ايم ايف جي ڳالهہ نہ ٻڌي تہ معاملو هٿ مان نڪري ويندو. پ پ اڳواڻ اهو بہ چيو تہ پاڪستان آمريڪا کي اعتماد ۾ وٺي ايران گئس پائيپ لائين تي ڪم شروع ڪندو پيپلز پارٽي موجوده حڪومت سان گڏ آهي پر ان جو حصو ناهي، قمر زمان ڪائره وڌيڪ چيو تہ اتحادي حڪومتون ڪمزور ناهن، حڪومت پنهنجو مدو پورو ڪندي.

بقايا 03

نواز شريف شامل نہ آهي. اسلام آباد ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي عطا تارڙ چيو تہ اسان جي حڪومت اچڻ سان ڪاروباري ماڻهن ۾ پرسو بحال ٿيو اسان ملڪ کي ڊيوالپٽي کان بچايو عالمي ميڊيا تي پاڪستاني معيشت جي باري ۾ مثبت خبرون اچي رهيون آهن ڪجهہ عناصر پاڪستان کي ترقي ڪندي نٿا ڏسي سگهن. وفاقي وزير چيو تہ بلوم برگ پاڪستان ۾ مهانگائي ۽ عام ماڻهو جي ڪمائي بابت اڳڪٿي ڪئي آهي، مقامي سرمائيڪاري ۾ بہ مثبت اڳيرائي نظر اچي رهي آهي. عطا تارڙ چيو تہ وزيراعظم شهباز شريف بشام واقعي کان پوءِ چيني انجنيئرز جو حوصلو وڌائڻ لاءِ پاڻ داسو ويو چينين جي سيڪيورٽي کي انتهائي سنجيدگي سان ورتو پيو وڃي. وزيراعظم چيني منصوبن ۽ چيني انجنيئرز جي سيڪيورٽي جي پاڻ نگراني ڪري رهيو آهي، اسان جا حوصلا بلند آهن. ڪنهن کي بہ امن تباهہ ڪرڻ نہ ڏينداسين. اسان خطي ۾ امن چاهيون ٿا. اسان جي اهڙي خواهش ڪي

بقايا 04

گهري ورتا. سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ امن امان بابت اجلاس ٿيو جنهن ۾ ڊي جي رينجرز سچي سنڌ ۾ اختيار گهري ورتا. ڊي جي رينجرز چيو تہ سچي سنڌ ۾ اختيار ڏنا وڃن، ڪراچي ۾ دهشتگردي خلاف جيڪي اختيار مليا هئا، اهي ئي ڏنا وڃن. اجلاس دوران سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس چيو تہ هڪ مهيني ۾ امن امان يقيني بڻايو وڃي.

بقايا 05

آءِ ايم ايف سان معاملاطئي بہ ٿي ويا تہ اهو سڀ ڪجهہ مصنوعي هوندو، معاشي مسئلن جو حل مستقل بنيادن تي ڳولڻو پوندو. پيپلز پارٽي منشور ۾ 3 سئو يونٽس تائين مفت بجلي ڏيڻ جي ڳالهہ ڪئي هئي، اسان 3 سئو يونٽس تائين جا سولر سسٽم ڏئي رهيا آهيون، منشور ۾ ڪيل وعدي تي عملدرآمد ۾ وقت لڳندو. اڊيالي سالن ڪانسواءِ پريا ڪماري توهان کي چو ياد آئي آهي؟ سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي تہ توهان پريا ڪماري جي معاملي کي ايڊي هائيپ چو ڏني آهي؟ پريا ڪماري ڪانسواءِ ٻيا واقعا بہ ٿيا آهن. اسان بہ پريا ڪماري وارن وٽ ويا هئاسين. جيڏي پريا ڪماري جي معاملي ۾ جاچ ٿي آهي ٻئي ڪنهن ڪيس ۾ شايد نہ ٿي هجي، پريا ڪماري واقعي جي هائيپ بابت توهان کي هتي ڪجهہ نہ ٿو ٻڌائي سگهان، اڪيلائي ۾ توهان کي ٻڌائيندس

بقايا 06

آهي. ڪميٽي ۾ عمر ايوب خان، گوهر خان، سينيٽر شبلي فراز، علي امين گنڊاپور، اسد قيصر، شير افضل مروت ۽ شاهہ فرمان شامل آهن. ان کانسواءِ رئوف حسن، عون عباس بپي، حماد اظهر، عاطف خان، حافظ فرحت، ميان اسلم ۽ خالد خورشيد بہ ڪميٽي جو حصو هوندا.

بقايا 07

جمهوريت ۽ بنيادي حقن جون محافظ آهن. لڪ واري فيصلي ۾ چيو ويو تہ اپيل ڪندڙ پرويز الاهي ۽ ٻين خلاف اعتراض کي ثابت نہ ڪري سگهيو اپيل ڪندڙ صحيح حقيقتون بيان نہ ڪري سگهيو جنهن تي سنگل بينچ فيصلو ڪالعدم قرار ڏنو فيصلي ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي تہ عدالتون جمهوريت ۽ بنيادي حقن جون محافظ آهن. هاءِ ڪورٽ جي فيصلي ۾ جمهوريت جي پرنسپل ۽ ريٽرننگ آفيسر جو فرض آهي، اپيل ڪندڙ پرويز الاهي ۽ ملڪيتن سميت ٻين خلاف صحيح حقيقتون پيش نہ ڪرڻ تي اعتراض ڪيو. لڪ واري فيصلي ۾ پرويز الاهي جي وڪيل چيو تہ عام چونڊن ۾ اهڙا ئي اعتراض اٿاريا ويا. سپريم ڪورٽ پرويز الاهي کي عام چونڊ وڙهڻ جي اجازت ڏني ڇڏي. لاهور هاءِ ڪورٽ لڪ واري فيصلي ۾ چيو تہ پرويز الاهي ايجا تائين جيل ۾ آهي، ملڪيت جو سمورو رڪارڊ قانون موجب فراهم ڪيو ويو آهي.

بقايا 08

سميت 31 ڄڻن تي ٻڌل وفد روانو ٿيو وزيراعظم شهباز شريف جو عهدو سنڀالڻ ڪانپوءِ اهو پهريون پرڏيهي دورو آهي. پرڏيهي ترجمان موجب وزيراعظم 6 کان 8 اپريل تائين سعودي عرب ۾ وفد سان گڏ عمرو ادا ڪندو. سندس سعودي ولي عهد محمد بن سلمان سان ملاقات جو بہ امڪان آهي. وزيراعظم سعودي ولي عهد کي پاڪستان جي دوري جي دعوت ڏيندو.

بقايا 09

پر پوليس وارن جو واسطو هن شهر سان آهي ئي نہ، اهي ان کي پنهنجي ذميواري نٿا سمجهن. هن چيو تہ بئنڪ بيلنس، ملڪيت کي وڌائڻ لاءِ ڪراچي ۾ پوسٽنگ هڪ موقعو سمجهيو ويندو آهي، ڪراچي جي حالتن بابت اسان محتاط انداز ۾ سڏائيندا چوندا آهيون تہ مسئلو اهو آهي تہ چور ۽ سپاهي ٻئي هن شهر جا ناهن. سندس چوڻ هو تہ دنيا جي سڀني مهذب معاشرن ۾ سڀني جمهوري ملڪن ۾ لوڪل پوليسنگ آهي، پاڪستان ۾ بہ اهوئي طريقو آهي. تنهن ڪري اسان هر هر سوال ڪندا آهيون تہ جڏهن پشاور ۾ پشاور جي پوليس آهي، لاهور ۾ لاهور جي ۽

بقايا 10

لاڙڪاڻي ۾ لاڙڪاڻي جي تہ پوءِ ڪراچي ۾ بي پوليس چو آهي؟

ٿي ويو پوليس موجب دهشتگردن جي فائرنگ ۾ هڪ اهلڪار زخمي بہ ٿيو جنهن کي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. پوليس اختيارين ٻڌايو تہ واقعي ڪانپوءِ وڏي نفري اتي پهتي ۽ دهشتگردن جي گرفتاري لاءِ سرچ آپريشن جاري آهي.

بقايا 11

اسماعيل خان ۾ دهشتگردن جي موجودگي جي اطلاع تي انٽيليجنس بيسڊ آپريشن ڪيو جنهن ۾ 8 دهشتگرد مارجي ويا. آءِ ايس پي آر ٻڌايو آهي تہ مارجي ويل دهشتگرد ڪيترن ئي ڪارروايين ۾ ملوث هئا. انهن جي قبضي مان هٿيار، بارودي مواد ۽ ڌماڪيدار مواد هٿ ڪيو ويو آهي. آءِ ايس پي آر جو چوڻ آهي تہ ملڪ مان دهشتگردي کي ختم ڪرڻ جي لاءِ پرعزم آهيون.

بقايا 12

پيدا ٿيندڙ هڪ بيڪٽيريا آهي، بيسلس انٿراسس عام طور تي جانورن ۾ هوندو آهي، فرانزڪ رپورٽ موجب خطن مان 70 ملي گرام آرسينڪ ملڻ جي نشاندهي ڪئي وئي آهي. جاچ ذريعن جو چوڻ آهي تہ خطن سان ججن جي فيصلن تي اثرانداز ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ۽ تحريڪ ناموس پاڪستان جو حوالو ڏئي عدالتي نظام کي تنقيد جو نشانو بڻايو ويو خطن ۾ ويلڪم ٽو بيسلس انٿراسس لکيو ويو اهي لفظ ججن کي ڌمڪائڻ لاءِ استعمال ڪيا ويا. واقعي جو ڪيس هاءِ ڪورٽ جي سيڪيورٽي انچارج جي فرياد تي داخل ڪيو ويو اسلام آباد ويندڙ جاچ ٽيم اهم شاهديون حاصل ڪيون. خط موڪليندڙ عنصرن جي جلد نشاندهي ڪئي ويندي.

بقايا 13

شيڊيول تبديل ڪيو ويو آهي. آرمي چيف طرفان ڪاڪول ڪئمپ ۾ شامل ڪرڪيٽرن کي ست اپريل تي افطار ڊنر جي دعوت ڏني وئي هئي، جڏهن تہ هاڻ شيڊيول ۾ ڦيرڦار ڪئي وئي آهي ۽ قومي ڪرڪيٽرن کي اٺ اپريل تي افطار جي دعوت ڏني وئي آهي. آرمي چيف سان افطار ڊنر تي پاڪ فوج جا اعليٰ آفيسر بہ شرڪت ڪندا. ان ڪانسواءِ پي سي بي چيئرمين محسن نقوي بہ افطار ڊنر ۾ شريڪ هوندو. ياد رهي تہ پاڪ فوج جي جوانن جي سرپرستي ۾ قومي ڪرڪيٽرن جي فزيڪل ٽريننگ ڪئمپ آرمي اسڪول آف فزيڪل ٽريننگ سينٽر ايبٽ آباد ۾ جاري آهي جيڪا اٺ اپريل کان اڳ ختم ڪئي ويندي.

بقايا 14

تائين سچي شهر ۾ 22 هزار کان وڌيڪ مين هولز جا ڍڪ لڳائي ڇڏيا آهن. ان حوالي سان چيف انجنيئر سيوريج آفتاب عالم چانڊيو وڌيڪ تفصيل ڏيندي ٻڌايو تہ لاڳاپيل ايگزيڪيوٽو انجنيئر سيوريج جي نگراني ۾ هن وقت تائين 12 هزار مين هولز جا ڍڪ لڳايا ويا آهن ۽ لاڳاپيل يو سي چيئرمين جي نشاندهي تي 10 هزار مين هولز جا ڍڪ لڳايا ويا آهن. هن چيو تہ ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب ۽ سي اي او واٽر ڪارپوريشن انجنيئر سيد صلاح الدين احمد جي خاص هدايتن تي يو سي چيئرمين جي سهڪار سان مختلف علائقن ۾ مين هولز جا ڍڪ لڳايا پيا وڃن. هن چيو تہ جتي بہ ضرورت هجي يا ڪنهن فورم طرفان نشاندهي ڪئي ويندي آهي تہ اتي واٽر ڪارپوريشن جا عملدار فوري طور تي مين هولز جا ڍڪ لڳائيندا آهن. ان موقعي تي سي اي او واٽر ڪارپوريشن انجنيئر سيد صلاح الدين احمد پنهنجي جاري ڪيل پيغام ۾ شهرين کي درخواست ڪندي چيو تہ مين هولز جا ڍڪ لڳائڻ واٽر ڪارپوريشن جي ذميواري آهي پر مين هولز جي ڍڪن کي چوري کان بچائڻ واٽر ڪارپوريشن سان گڏوگڏ شهرين جي بہ ذميواري آهي، انڪري شهرين کي گهرجي تہ مين هولز جا ڍڪ چوري ڪندڙ عناصرن کي پڪڙي ڪري پوليس جي حوالي ڪيو وڃي. ڇاڪاڻ تہ ڪراچي شهر اسان جو آهي ۽ انجي ترقي ۽ بهتري جي ذميواري اسان سڀني لاڳو ٿئي ٿي، ان سلسلي ۾ شهرين کي گهرجي تہ سچي شهر ۾ پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جي انتظامن کي بهتر بڻائڻ جي لاءِ هوءِ واٽر ڪارپوريشن سان ڀرپور تعاون ڪن تہ جيئن شهرين کي پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪالي جون بهتر سهولتون فراهم ڪري سگهجن

بقايا 15

جاري بدترين نسل ڪشي ۾ شريڪ نہ ٿيڻ گهرجي. فرانسيسي پارليامينٽ ميمبرن جو چوڻ آهي تہ غزا پٽي ۾ اسرائيلي فورسز جي وحشيائي حملن سبب شهادتون 33 هزارن کان وڌي ويون آهن، حڪومت اسرائيل کي فراهم ڪيل هٿيارن جا تفصيل پارليامينٽ ۾ پيش ڪري. پارليامينٽ ميمبرن موجب فرانس جو هٿيارن جي فراهمي لاءِ اسرائيل سان معاهدو عالمي قانونن جي ڀڃڪڙي آهي.

بقايا 16

چيو تہ راجنات پارٽ ۾ چونڊ مهم جي ڪري پيکيون پيو هٽي، پر اليڪشن جي چڪر ۾ پارٽ اهڙي حرڪت نہ ڪري جنهن جو بعد ۾ ان کي نتيجو ڀوڳڻو پوي. هن پارٽ کي بيان بازي ۾ محتاط رهڻ جو مشورو ڏيندي چيو تہ ڪجهہ سال اڳ پارٽ پاڪستان ۾ گهڙي ڪارروائي جي ڪوشش ڪئي ان جو انجام ڪهڙو ٿيو هو؟ اسان پارٽ جو جهاز ڪيرايو هو ۽ پائيلٽ کي پڪڙي خيرات ۾ واپس موٽائي ڏنو، جيڪڏهن پارٽ ٻيهر اهڙي حرڪت ڪئي وئي تہ ساڳيوئي جواب ڏنو ويندو. بجاءِ واري وزير وڌيڪ چيو تہ پارٽ پاڙيسري ملڪن ذريعي پاڪستان ۾ دهشتگردي جي سرپرستي ڪندو رهيو آهي، پارٽ ۾ سڌي ريت حملو ڪرڻ جي جرئت ناهي.

اعليٰ عملدارن شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ پرڏيهين خاص ڪري چيني شهرين جي سيڪيورٽي قدمن جو جائزو ورتو ويو محسن نقوي چيو تہ پرڏيهين خاص ڪري چيني شهرين جو تحفظ اولين ذميواري آهي، چيني شهرين جي تحفظ لاءِ ايس او پيز تي عملدرآمد کي يقيني بڻايو وڃي. هن چيو تہ دشمن پاڪستان جي ترقي ۽ خوشحالي نٿا چاهين، هو شرپسند عناصر جي ناپاڪ مقصدن کي ڪامياب ٿيڻ نہ ڏينداسين.

بقايا 17

يقيني بڻايو وڃي. سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ صوبي ۾ امن امان بابت اجلاس ٿيو جنهن ۾ ڊي جي رينجرز، آءِ جي سنڌ، ايس ايس پي گهوٽڪي، ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ۽ ٻين لاڳاپيل اختيارين شرڪت ڪئي. چيف جسٽس عقيل احمد عباسي اختيارين کان 15 ڏينهن ۾ رپورٽون طلب ڪري ورتيون. چيف جسٽس هدايت ڪئي تہ ڪير ڪيترو بہ طاقتور هجي رعايت نہ ڪئي وڃي. امن امان خراب ڪندڙ ڪيترائي بہ طاقتور هجن. ڪين انجام تي پهچايو وڃي. اجلاس ڪانپوءِ آءِ جي سنڌ غلام نبي ميمڻ ٻڌايو تہ سنڌ هاءِ ڪورٽ ۾ امن امان بابت اجلاس ۾ اسٽريٽ ڪرائمز، سيف سٽي ۽ ڪچي جي ڌاڙيلن جو مسئلو ايجنڊا ۾ هو چيف جسٽس بريفنگ ورتي ۽ هدايتون جاري ڪيون. هن چيو تہ عدالتي حڪمن تي عملدرآمد جي حوالي سان بريفنگ ڏني وئي، ڪراچي ۾ اسٽريٽ ڪرائمز روڪڻ لاءِ گشت وڌائڻ تي ڳالهہ ٻولهہ ٿي آهي. سندس چوڻ هو تہ اجلاس ۾ جاچ جي حوالي سان اهم نڪتن تي گفتگو ڪئي وئي، يقيني بڻايو ويندو تہ ڪوڙا ڪيس نہ ٿين، اُنين بار بہ گهٽ ٿيندو.

بقايا 18

سگهجي ٿو آمريڪي ميڊيا جو چوڻ آهي تہ آمريڪي انٽيليجنس موجب ايران ٻرون سان گڏ ڪروز ميزائل پڻ استعمال ڪري سگهي ٿو ان ڳالهہ جو بہ قوامڪان آهي تہ حملو رمضان المبارڪ جي ختم ٿيڻ کان اڳ ٿيندو.

بقايا 19

واري وزير چيو تہ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي ججن پاران لکيل خط جي معاملي تي عدالت جلد ڪارروائي ڪندي. وزيراعظم شهباز شريف چيو آهي تہ عدليہ جي آزادي تي ڪو بہ سمجهوتو نہ ڪيو ويندو. هن چيو تہ سڪيورٽي ادارن جو پنهنجو ڪردار آهي، انهن کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. حڪومت جي پاليسي اها آهي تہ انٽيليجنس ايجنسين کي انهن جي ڊومين ۾ ڪم ڪرڻ جي اجازت ڏني وڃي جيڪڏهن اهي 'اندروني سڪيورٽي خطرن' کي نہ ڏسن.

بقايا 20

بجاءِ واري وزير راجناٿ جي وڌيڪ پاڪستانين کي قتل ڪرڻ جي رٿابندي ڪرڻ واري بيان جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪئي آهي. واضح رهي تہ ڪجهہ برطانوي رسالي جي رپورٽ تي تبصرو ڪندي پارت جي بجاءِ واري وزير راجناٿ سنگهہ چيو تہ پارتي وزيراعظم نريندر مودي جي پاڪستاني شهرين جي قتل جي حوالي سان اِهائي پاليسي آهي. سندس چوڻ هو تہ پارت پاڪستان ۾ هر ان شهري کي قتل ڪندو جيڪو سندن ملڪ ۾ ڪنهن بہ قسم جي دهشتگرد ڪارروائي ۾ ملوث رهيو آهي. سندس بيان تي ردعمل ڏيندي پرڏيهي کاتي جي ترجمان جو چوڻ هو تہ 25 جنوري 2024ع تي پاڪستان پارتي مداخلت جا ترديد نہ ڪرڻ جوڳا ثبوت فراهم ڪيا، هي پاڪستان ۾ پارت جي عدالت کان متاهين ۽ عالمي قتل عام جي مهم جو واضح ثبوت آهي. پرڏيهي آفيس جي ترجمان ممتاز زهرا بلوچ چيو تہ پارت طرفان وڌيڪ شهرين کي نشانو بڻائڻ جي دعويٰ واضح طور ڏوهہ جو اعتراف آهي، عالمي برادري کي پارت جي هن ڪريل ۽ غيرقانوني قدم جو جوابدار ڪرڻ گهرجي، هن چيو تہ پاڪستان ڪنهن بہ اڳرائي خلاف پنهنجي خودمختاري جي تحفظ لاءِ مڪمل پرعزم آهي، فيبروري 2019ع تي بہ پارت کي اڳرائي تي سخت ردعمل کي منهن ڏيڻو پيو هو هن قدم پارت جي فوجي سرسي جي ڪوڪلي دعويٰ کي واڪو ڪيو هو پرڏيهي آفيس جي ترجمان چيو تہ پارت جي حڪمراني جو نظام چڙ ٻارڻ بيان بازي جو سهارو وٺي انتهائي قومپرستي جي جذبي کي هوا ڏيندو آهي، چونڊن ۾ فائدو حاصل ڪرڻ لاءِ اهڙي طرح جون ڳالهيون ڪري ناجائز فائدو ورتو ويندو آهي. ممتاز زهرا بلوچ چيو تہ اهڙي طرح جو غير ذميوارانو ورتاءُ علائقائي امن کي نقصان پهچائي ٿو پاڪستان هميشہ خطي ۾ امن لاءِ پنهنجي عزم جو ثبوت ڏنو آهي، سنڌن امن جي خواهش کي غلط نہ سمجهيو وڃي، تاريخ پاڪستان جي پختي عزم ۽ ڀرپور بچاءَ جي صلاحيت جي شاهد آهي. ياد رهي تہ ڪجهہ ڏينهن هڪ برطانوي رسالي پنهنجي رپورٽ ۾ انڪشاف ڪيو هو تہ پارتي ڳجهي ايجنسي 2020ع کان هنيئر تائين پاڪستان ۾ 20 شهرين کي قتل ڪيو آهي.

بقايا 22

منظوري ڏني وئي آهي. ڊيفالٽ کان بچڻ لاءِ آءِ ايم ايف کان نئين بيل آئوٽ پيڪيج جي درخواست لاءِ واشنگٽن روانگي کان ڪجهہ ڏينهن اڳ ناٿي واري محمد اورنگزيب وزيراعظم آفيس جي آفيسرن کي 4 پگهارون ڏيڻ جي منظوري ڏيندي. اهو فيصلو ڪفايت شعاري جي دعويٰ جي نفي ڪري ٿو ۽ مهانگائي جي شڪار عوام جي زخمن تي لوڻ هارڻ جي برابر آهي. جو گذريل طور تي 27 سيڪڙو مهانگائي ۽ ڪيترائي ڀيرا اضافي سان يوٽيلٽي بلن کي منهن ڏئي رهيا آهن. ذريعن موجب ٻڌايو ويو آهي تہ اهڙن آفيسرن لاءِ اهي پئسا اضافي ڪم ڪرڻ تي منظور ڪيا ويا آهن. حڪومت پنهنجي جوڙجڪ جي صرف هڪ مهيني کان پوءِ سرڪاري آفيسرن جي لاءِ انعام جي منظوري ڏني آهي. ذريعن ٻڌايو آهي تہ اهڙن آفيسرن طرفان ڪوبہ اهڙو غير معمولي ڪم نہ ڪيو ويو آهي جنهن سبب انهن کي ڪنهن انعام جو اهل قرار ڏئي سگهجي، انعام جي ادائيگي بينڪن مان 23 سيڪڙو وياج جي شرح تي قرض کڻي ڏني ويندي.

بقايا 23

سان گفتگو ڪندي عمران خان چيو تہ حڪومت ڪيرائڻ باوجود بہ پيرا جنرل باجوا سان ملي سگهان ٿو تہ ڪنهن سان بہ ملي سگهان ٿو هن وقت منهنجي ذات جو نہ پاڪستان جو ايشو آهي، جنرل باجوه اسان کي پٺي ۾ ڇرو هنيو مان جنرل باجوا کي ڊي نوٽيفاءِ ڪري پٺي سگهيس پر نہ ڪيو هن چيو تہ مان ڪڏهن فوج سان نہ وڙهيس، زرداري ۽ شريف خاندان جي ڪرپشن جو جنرل فيض ۽ جنرل باجوا کي ٻڌايو هو مان اڄ سياست کان پوئتي هٽي وڃان تہ سڀ ٺيڪ ٿي ويندو، اسان جو مينڊيٽ ڪسي اسان کي ڪنٽرول ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. سندس چوڻ هو تہ جيڪي 6 جج بيٺا، انهن کي سلام پيش ڪيان ٿو جنهن ملڪ جي ججن کي ڌمڪيون ملن اتي سيڙپڪاري ڪير ڪندو

بقايا 24

آءِ جي جاويد جسڪاڻي بيان قلمبند ڪرڻ، گواهيون گڏ ڪرڻ ۽ ٻين مقصدن لاءِ وڌيڪ 6 ٽيمون جوڙي ڇڏيون آهن. ذريعن موجب اهي ٽيمون سنگرار جي شاهن جا بيان قلمبند ڪرڻ ڪانسواءِ ٽيڪنيڪل بنيادن تي نئين سرجاچ بہ ڪنديون

بقايا 25

تہ سنڌ مان 9 ڪامياب آزاد اميدوار سني اتحاد ڪائونسل ۾ شامل آهن، سني اتحاد ڪائونسل کي عورتن جون 2 ۽ هڪ اقليتي سيٽ ملڻ گهرجي ها، اليڪشن ڪميشن اهي ٽئي سيٽون پ پ ۽ ايم ڪيو ايم ۾ ورهائي ڇڏيون. سرڪاري وڪيل چيو تہ سني اتحاد ڪائونسل مخصوص سيٽن لاءِ اڳواٽ نالا ڏنا ئي نہ هئا، چيف جسٽس عقيل احمد عباسي وڪيل علي طاهر کي چيو تہ سمورو عمل مڪمل ٿي چڪو آهي، هاڻي توهان ڇا ٿا چاهيو؟ بئريسٽر علي طاهر چيو تہ سني اتحاد ڪائونسل کي سندس حصي جون مخصوص سيٽون واپس ڪيون وڃن. عدالت اليڪشن ڪميشن، پيپلز پارٽي، ايم ڪيو ايم ۽ ٻين ڌرين کي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا

بقايا 26

تحريڪ انصاف اندر اختلاف هاڻ کليل نموني سامهون اچي ويا. پي ٽي آءِ اڳواڻ شهريار آفريدي ڪوهاٽ جي جلسي ۾ پي ٽي آءِ قيادت کي ڌمڪي ڏيندي چيو تہ پارٽي اندر هن وقت ڪجهہ منافق موجود آهن. ڪجهہ ماڻهن کي پيغام ڏيڻ چاهيان ٿو تہ هيل تائين چپ آهيان، مون کي ڦاٽڻ تي مجبور نہ ڪيو. هن چيو تہ هيءَ پارٽي انهن ماڻهن جي آهي، جن جي ماءُن ۽ ڀينرن جي بي عزتي ٿي، علي امين گنڊاپور سميت سموري پارٽي قيادت کي پيغام ڏيڻ چاهيان ٿو تہ ڪارڪنن کي متي آئيو. سندس چوڻ هو تہ پارٽي ۾ پيراشوٽ سان آيل ماڻهن کي رد ڪيون ٿا، جن پٺي ۾ ڇرو هنيو انهن کي وري پاڪ ڪرڻ نہ ڏينداسين

بقايا 27

سپورٽ پروگرام فنڊن ۾ گهوٽالن هٿ ڪندڙ ٽن جوابدارن کي گرفتار ڪري ورتو. ايف آءِ اي موجب مونو ٽيڪنيڪل ڪاليج ڊسٽرڪٽ

بقايا 28

۽ سنڌ جي مختلف ضلعن ڏانهن ويندڙ مسافرن کان ڦرلٽ واري سلسلي جي سخت مذمت ڪندي سنڌ حڪومت ۽ وزير ٽرانسپورٽ کان پرزور مطالبو ڪيو آهي تہ وڌيڪ ڪرايو وصول ڪندڙ مافيا خلاف سخت قدم کنيا وڃن تہ جيئن مزدور ۽ گهٽ آمدني رکندڙ ماڻهن جي حلال جي ڪمائي لٽجڻ کان بچي سگهي ۽ ماڻهو پنهنجي پيارن سان گڏ عيد ملهائڻ لاءِ آساني سان گهر پهچي سگهن. جماعت اسلامي سنڌ جي جنرل سيڪريٽري ڪاشف سعيد شيخ پنهنجي هڪ بيان ۾ چيو تہ هر سال عيد جي موقعي تي هڪ مافيا عام ڏينهن جي مقابلي ۾ عوام جي حق حلال جي ڪمائي کي لٽڻ لاءِ ڪرايا ٽيڻ تي وڌائي ٿي ڇڏي جن کي پوليس ۽ ٻين ادارن جي بہ سرپرستي حاصل آهي. عام ماڻهو جيڪو اڳ ۾ ئي بدترين معاشي حالتن ۽ مهانگائي جي هٿان پسجي رهيو آهي، سڄو رمضان روزاني واهپي وارين شين جي اگهن ۾ پڻ اضافي سان سندس چيلهہ چبي ٿي چڪي آهي اهي جڏهن عيد جي ڏينهن ۾ پنهنجي گهرن جو رخ ڪن ٿا تڏهن ٽرانسپورٽ مافيا وري ڪين پنهي هٿن سان لٽڻ لاءِ تيار ٿي ويندي آهي، ٽرانسپورٽرز تي چيڪ اينڊ بيلنس نہ هجڻ جي ڪري عيد جي ڏينهن ۾ سندن پنج ٿي آڱريون گيهہ ۾ هونديون آهن ۽ عوام کان من مرضي جو ڪرايو وصول ڪيو ويندو آهي. عيد کان هڪ هفتو اڳ ۾ ئي ڪراچي کان اندرون ملڪ ۽ سنڌ جي مختلف علائقن ڏانهن ويندڙ ڪوچز ويگن ۽ ڪارن جي مالڪن پاران شهرين کان ڏاڍي توڙ ڪرايا وصول ڪيا پيا وڃن جن جو ڪوبہ پڇاڻو ڪرڻ وارو ڪونہ آهي جڏهن تہ عام ماڻهو شڪايت ڪرڻ جي صورت ۾ ٽرانسپورٽ اڏن تي موجود عملي ۽ ڊرائيورز جي بدتميزي پڻ برداشت ڪري ٿو جن کي گارڪند ۽ گاڏين مان هيٺ لاٿو پيو وڃي، پر افسوس جو پوليس ۽ موٽروي اهلڪار خاموش تماشائي بڻيل آهن. عيد جي موقعي تي سرڪاري ڪرايہ نامي تي عملدرآمد ڪرائڻ لاءِ محڪمہ ٽرانسپورٽ پاران ڪوبہ لائحہ عمل نہ وري شهرين کي ڦرجڻ کان بچائڻ لاءِ منصوبہ بندي ڪئي وئي. ڪاشف سعيد شيخ سنڌ حڪومت کان پرزور مطالبو ڪيو آهي تہ رڳو بيان بازي ۽ تصويرون جاري ڪرڻ سان عوام کي ڪوبہ فائدو نہ ٿيندو، ان ڪري شهرين جي حق حلال جي ڪمائي کي لٽجڻ کان بچائڻ لاءِ ضلعي انتظاميہ ۽ محڪمہ ٽرانسپورٽ کي اڳواٽ منصوبابندي، ٽرانسپورٽ مافيا، ڀتي خوري ۾ ملوث پوليس اهلڪارن خلاف ڪارروائي ڪري شهرين کي ڦرجڻ کان بچايو وڃي.

بقايا 29

پاران ايس بي سي اي جي عملي تي فائرنگ ڪري ڏني. فائرنگ باوجود ايس بي سي اي عملي لاڳاپيل عمارت جي چوٿين ماڙ کي ڊاهي پٽ ڪري ڇڏيو ڊي جي سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي عبدالرشيد سولنگي ايس ايس پي سينٽرل سان رابطو ڪري جوابدارن کي فوري طور گرفتار ڪرڻ جي هدايت ڪئي. فائرنگ ڪندڙ جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪيو ويندو. عبدالرشيد سولنگي وڌيڪ چيو تہ آفيسر بغير ڪنهن خوف جي غير قانوني اڏاوتن خلاف ڪارروائي ڪن. هن ايس بي سي اي جي عملي کي مبارڪباد ڏني ۽ ڪين سيڪيورٽي جو يقين ڏياريندي چيو تہ سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي جو عملو محنت ۽ ايمانداري سان ڪم ڪري رهيو آهي ۽ هو هر ڏکئي وقت ۾ ساڻن گڏ هوندو. تفصيل موجب مڪاني ادارن واري صوبائي وزير سعيد غني جي هدايت تي شهر جي مختلف علائقن ۾ غير قانوني عمارتن خلاف ڪارروائي ڪئي پئي وڃي. ڊي جي سنڌ بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي عبدالرشيد سولنگي

تندو محمد خان ۾ ڇاپو هنيو ويو گرفتار جوابدارن ۾ شبير احمد، غلام عباس ۽ آصف علي شامل آهن. ڇاپي دوران جوابدارن وٽان 3 بي وي ايس ڊوائسز ۽ 5 موبائيل فونز 44 سجائپ ڪارڊ، سيليڪون ٿمبز ۽ ڪيش ڪڍرائڻ جون ڪيترون ئي سلپون برآمد ڪيون ويون. جوابدار سيليڪون ٿمب جو استعمال ڪندا هئا ۽ بينظير انڪم سپورٽ پروگرام تائين غير قانوني پهچ حاصل ڪندا هئا. ايف آءِ اي موجب جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪري جاچ شروع ڪئي وئي آهي، سندن نشاندهي تي وڌيڪ گرفتاريون ڪيون وينديون.

ڊيماليشن اسڪواڊ سان گڏجي عيسيٰ نگري، پاپوش نگر، گلبرگ ۽ ناظم آباد ۾ آپريشن ڪري 4 کان وڌيڪ عمارتن کي ڊاهي پٽ ڪيو

بقايا 30

سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ وڌيڪ پاڙا وصول ڪندڙ ٽرانسپورٽرن خلاف ڪارروائي جي هدايت ڪئي آهي. پراونشل ٽرانسپورٽ اٿارٽي سنڌ جي سمورن آفيسرن جون موڪلون رد ڪيون ويون آهن صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ هدايتون جاري ڪندي چيو آهي تہ لاڳاپيل اختياريون اضافي ڪرايو وٺڻ جي شڪايتن تي فوري ڪارروائي ڪن. سنڌ حڪومت عوام کي هر قسم جو رليف فراهم ڪرڻ لاءِ پرعزم آهي. هن وڌيڪ چيو تہ مسافرن کي پريشان ڪندڙ ماڻهن کي معاف نہ ڪيو ويندو. شرجيل انعام ميمڻ جو چوڻ آهي تہ اضافي ڀاڙن خلاف مهم عيد ڪانپوءِ تائين جاري رهندي

بقايا 31

جي لوڏن سبب ڪنهن جاني نقصان جو اطلاع سامهون ناهي آيو آمريڪي جيولاجيڪل سروي موجب آمريڪا ۾ زلزلي جا لوڏا محسوس ڪيا ويا، جنهن جو مرڪز نيوجرسي هو ۽ ريڪٽر اسڪيل تي ان جي شدت 4.8 رڪارڊ ڪئي وئي. پر يورپين مديٽرينيئن سيسمولاجيڪل سينٽر موجب زلزلي جي شدت 5.5 هئي پرڏيهي ميڊيا موجب نيويارڪ ۾ زلزلي جي لوڏن دوران بروڪ لين جون عمارتون لڏڻ لڳيون. گڏيل قومن جي سيڪيورٽي ڪائونسل ۾ غزا تي ٺهراءُ زلزلي جا لوڏا محسوس ٿيڻ سبب ڪجهہ دير لاءِ ملتوي ڪيو ويو سوشل ميڊيا واهپيدارن موجب زلزلي جا لوڏا فلاڊيلفيا کان نيويارڪ ۽ اوپر ڏانهن ٻيٽن تي بہ محسوس ڪيا ويا.

بقايا 32

ڪاظم جتوئي ۽ ناٿي وارو سيڪريٽري فياض جتوئي شرڪت ڪئي. وڏي وزير چيو تہ پنٽي پبل ڳوٺن جي بجلي پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت سولر/ونڊ هائبرڊ ذريعي ڪري سگهجي ٿي. سسٽم کي پائيدار طريقي سان هلائڻ لاءِ خانگي شعبي/ ڪميونٽي کي مقرر ڪيو ويندو. وڏي وزير چيو تہ ٽيڪنيڪل اسٽاف جي پگهارن سميت سسٽم هلائڻ جو خرچ سميت سندس حڪومت وقت بوقت بيٽري مٽائڻ جو خرچ برداشت ڪندي. وڏي وزير کي بريفنگ ڏيندي توانائي واري صوبائي وزير ناصر شاهہ چيو تہ سنڌ سولر انرجي پروجيڪٽ (ايس ايس اي پي) سنڌ حڪومت جو هڪ اهڙو قدم آهي جنهن لاءِ عالمي بئنڪ پاران نومبر 2018ع ۾ ايڪنڪ ذريعي 100 ملين ڊالرن جو رعايتي قرض جي منظوري ڏني وئي هئي، ۽ جولاءِ 2023 ۾ نظرثاني ڪئي وئي. پروجيڪٽ جا چار حصا آهن جن ۾ 400 ميگاواٽ جي سولر پارڪ جو مسابقتي ٽينڊرنگ ذريعي قائم ڪرڻ؛ انهن ۾ 50 ميگاواٽ جي سرڪاري شعبي جي عمارتن جي سولرائيزيشن، 200,000 گهرن کي بجلي ڏيڻ لاءِ سولر هوم سسٽم ۽ سولر ٽيسٽنگ ليبارٽري قائم ڪرڻ ۽ سولر ٽيڪنيشنز جي تربيت ذريعي وڌائڻ شامل آهن. يوٽيلٽي اسڪيل سولر ڪمپونٽ (I-): جنوري 2023 ۾ زمين جا ٽي پارسل الاٽ ڪيا ويا جن ۾ مانجهند ضلعي جامشورو ۾ 50 ميگاواٽ لاءِ 250 ايڪڙ زمين، گوٺ هالڪاڻي/مرادبند ضلعي اولهہ ڪراچي ۾ 120 ميگاواٽ لاءِ 612 ايڪڙ زمين ۽ ديهہ مناگهر ضلعو ملير ۾ 150 ميگاواٽ لاءِ 600 ايڪڙ زمين شامل آهي. توانائي واري وزير وڏي وزير کي ٻڌايو تہ مانجهند ۽ ڪراچي جي هنڌن جي فزيبلٽي اسٽڊي مڪمل ڪئي وئي آهي. مانجهند ۽ ڪي اليڪٽرڪ سائيٽن جي اڳيرائي لاءِ ڪم مڪمل ڪيو ويو آهي. پنجن مان چار ڪمپنين مانجهند سائيٽ لاءِ اڳيرائي ڪئي جڏهن تہ ڪي اليڪٽرڪ سائيٽن لاءِ 16 ڪمپنيون اڳ ۾ ئي قابل آهن. وڏي وزير کي ٻڌايو ويو تہ مانجهند جي تجويز (RFP) دستاويزن جي درخواست نيپرا وٽ التوا هيٺ آهي ۽ اين ٽي ڊي سي ۽ ٻي پي آءِ ٻي وٽ گرڊ جي منظوري واري مسئلي سبب التواهيٺ آهن. پي پي آءِ بي جنوري 2024 ۾ پنهنجي تازي بورڊ جي اجلاس ۾ ايجنڊا تي بحث ڪندي اهو فيصلو ڪيو تہ نيپرا آر ايف پي جي منظوري ڏيڻ کان اڳ اين ٽي ڊي سي گرڊ اسٽڊي جي منظوري ڏيندو

بقايا 21

بقايا 01

سماجي تاجر اڳواڻ وڏيرو جواد ميمڻ جي مينيجر ڪان ڦر سميت خراب ٿيندڙ حالتن تي سنڌياري ميڊيا فورم جي آفيس ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته مٺياري ۾ وڌندڙ بدامني ۽ ڦرن تي افسوس ئي ڪري سگهجي ٿو مٺياري شهر امن ولين جو شهر ۽ اڪثريت پڙهيل لکيل مڊل ڪلاس طبقي سبب پنهنجي الڳ سڃاڻ رکي ٿو هن شهر جي ماحول کي ڪچي جي علائقن وانگر بدنام نه ڪيو پيو وڃي تاجرن کي تحفظ ڏيو ڦورن ۽ چورين ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري سخت سزا ڏني وڃي ايس ٽي پي جلد سنڌ جي قومپرست ۽ سڃاڻ ڌرين سان گڏجي سنڌ ۾ وڌندڙ بدامني اغوا ڪارن داڙيل ڪلچر جي خاتمي لاءِ لائحه عمل طئي ڪندي مهانگائي ايتري وڌي وئي آهي غريب هڪ ويلي ماني لاءِ پريشان آهي خدڪشي تي مجبور ڪيو پيو وڃي چونڊيل نمائندن جي بي حسي ۽ ادارن جي بي حسي نااهلي يا سنڌ دشمني سمجهون جيڪي سنڌ جي 5 ضلعا جنهن ۾ ڪشمور جيڪب آباد گهوٽڪي سکر خيرپور ۾ ڪجهه سؤ داڙيلن جو قبضو آهي ته ڏينهن جو تحفظ آهي ۽ رات جو ڪو محفوظ آهي سيڪيورٽي ادارا ڪڏهن غيرت ڪندا جيڪي سنڌ کي امن واپس ڪرائي سنڌ جو امن تباهه ڪندڙن کي عبرت جو نشان بڻائين

بقايا 02

دادو ڪٺائي آئي قانوني ڪاروائي بعد فوتي جو مڙهه وارثن حوالي ڪيو ويو فوتي پيرسن بوٽلن جي ايجنسي تي پورهيو ڪندو هو جيڪو تعلقي مورو جي ڳوٺ ڪانڌڙا ڪالوني جو رهواسي ٻڌايو وڃي ٿو

بقايا 03

ڪيس جي ٻين جوابدارن علي گوهر چانڊيو، ذوالفقار چانڊيو، عبدالڪريم چانڊيو ۽ ٻين کي جيل ڪان عدالت ۾ آندو ويو ٽيٽي قتل ڪيس ۾ اڳهرائي ڪيس ۾ مشير بخت چانڊيو جو بيان رڪارڊ ٿي ڪيوويايندڙ ٻڌڻي 20 اپريل 2024 تائين ملتوي ڪئي وئي ڪيس جي پوئواري ڪندڙ امر رباب چانڊيو عدالت ۾ پهتي جڏهن ته الزام هيٺ آيل جوابدار ب پ ايم پي اي برهان خان چانڊيو ملڪ کان ٻاهر هجڻ ڪري عدالت ۾ پهچي نه سگهيو، ٻڌڻي دوران ايس ايس پي دادو ڊاڪٽر فرخ علي لنجار جي هدايتن تي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ دادو ۾ سڪيورٽي جا انتظام سخت ڪيا ويا هئا، ڪيس ۾ اڳوڻو ايس ايڇ او عبدالڪريم چانڊيو پڻ عدالت ۾ پيش ٿيو مشير بخت چانڊيو کان وڪيلن پاران پڇا ڳاڇا جو عمل جاري ڪيو ويو

بقايا 04

جاري آهي. مغوي علي اصغر منگريو کي 2015 ۾ جوابدارن سکر جي ايوب گيٽ وٽان اغوا ڪيو هو جنهن کي 9 سال گذرڻ باوجود بازياب نه ٿي سگهيو آهي سکر پريس ڪلب ٻاهران قائم احتجاجي ڪئمپ تي احتجاج ڪندي زاهد حسين منگريو اعظم منگريو، محمد علي احمد علي مگريو جو چوڻ آهي ته علي اصغر منگريو جي اغوا ۾ ملوث مڪ جوابدار پوليس عملدار آهي جڏهن ته ٻين جوابدارن ۾ منظور منگريو ،سعيد منگريو ۽ جنيد منگريو آهن انهن جا نمبر ٽريس ڪري ڏنا آهن پر هن وقت تائين معصوم علي اصغر انهن جي قيد ۾ آهي هن اعلي اختيارن کي اپيل ڪئي آهي ته معصوم علي اصغر منگريو کي بازياب ڪرائي انصاف ۽ تحفظ ڏنو وڃي جيسيتائين علي اصغر بازياب نه ٿيندو پر امن احتجاج جاري رهندو

بقايا 05

ٽي ويو ان سلسلي ۾ سيد نجف علي شاهه ڏاٿهيندي چيو ته شريسند اجن شاهه عرف مراد شاهه ، مختيار جوڻيجو ۽ هڪ نامعلوم گڏجي اسان جي اٺن جريبن جي رکيل ڪٽڪ جي ڍيري کي باهه ڏئي فرار ٿي ويا ، ظالمن باهه ڏئي وڏو ظلم ڪيو آهي مون اهڙي رپورٽ پيارو پوسٽ تي مٿين شريسندن خلاف داخل ڪرائي پر افسوس شريسند اڃا پوليس جي پڪڙ کان اڃا ٻاهر آهن آءِ ايس پي دادو کان مطالبو ڪيان ٿو ته ڪٽڪ جي ڍيري کي باهه ڏيندڙ شريسندن خلاف ڪاروائي ڪري ڪين گرفتار ڪري مٿن ڪيس داخل ڪري سائين انصاف ڪيو وڃي

بقايا 06

ڊاڪٽر صفيه ۽ ٻين ٻڌايو ته اڄ سڄي دنيا ۾ صحت جو عالمي ڏهاڙو ملهايو پيو وڃي0 انهي حوالي سان ٽنڊوڄام ۾ پڻ سٺي صحت برقرار رکڻ لاءِ آگاهي مهم جو پروگرام منعقد ڪيو ويو آهي. انهن چيو ته تندرستي هزار نعمت آهي انهي لاءِ انسان کي پاڻ کي صحتمند رکڻ گهرجي، انهن جو وڌيڪ چوڻ هو ته پنهنجي پاڻ سان گڏ پنهنجي ٻارن جي صحت جو پڻ خاص خيال رکيو وڃي وڏن جي پيٽ ۾ ننڍين ٻارن کي ٻيماريون گهيٽيون وڇڙنديون آهن، اسان کي سٺي صحت رکڻ واري آگاهي گهر گهر پهچائڻي پوندي ۽ خاص ڪري ٻهراڙي جي عورت کي پڻ صحت جي حوالي سان خاص آگاهي ڏيڻي پوندي. انهن جو وڌيڪ چوڻ هو ته ڪرونا وائرس ڪانپوءِ سڄي دنيا ۾ ٻين وبائن پڻ جنم ورتو آهي جن جي خاتمي لاءِ ماهر ڊاڪٽر ۽ سائنسٽ پاڻ پتوڙي رهيا آهن0 انهن چيو ته سرڪار پاران مدي جي بخار جي ويڪسين، پوليو جا ڦڙا، ٻيمارين کان بچاءُ واراٽڪاءِ ۽ ٻين ٻيماري کان بچاءَ وارين مهم ۾ وڌ کان وڌ شامل ٿي انهن جو ساٿ ڏيڻ گهرجي0 جڏهن ته آگاهي مهم ۾ ٽنڊوڄام ۽ پرياسي جي عورتن، مردن ۽ صحافين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي0

بقايا 07

ڪرائڻ باوجود رقم نه ٿي ڏني وڃي جي مستحقين تفصيل موجب بدين جي عشر زڪوات آفيس مان مختلف وقتن تي وظيفو ڪندڙ 3500 سئو مستحق مردن عورتن کي 14000 هزار روپين جي حساب سان عيد الائونس طور ڏنا ويا آهن پر بدين جي سنڌ بئنڪ عملي ڪين رولي دربدر ڪري ڇڏيو آهي ان سلسلي ۾ رابطو ڪرڻ تي مستحقن عبدالله، محمد حنيف مسمات زينب ۽ ٻين موجب ته سنڌ بئنڪ عملي طرفان بائيو ميٽرڪ لاءِ ايڇ بي ايل ڪنيڪٽ فرنچائيز سان رابطو ڪرڻ جو چيو جتي پئسا پهڻ باوجود به سنڌ بئنڪ عملو ڪارڊ بلاڪ چائائي واپس ڪري رهيو آهي ڪجهه ڏينهن اڳ سنڌ بئنڪ اڳيان ڌرڻو به هنيو هو ۽ سنڌ بئنڪ بدين جي عملدارن رقم ڏيڻ جي خاطري ڪرائي هئي پر ان جي باوجود رقم ملي نه سگهي جنهن ڪري عيد جي خوشين کان محروم آهيون هٿي پاسي عشر زڪوات جي هڪ ذميوار ملازم رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته عشرت زڪوات هيڊ آفيس کان سنڌ بئنڪ کي اي ميل ڪئي آهي ته هو عيد کان اڳ غريب مستحق ماڻهن کي بئنڪ ۾ گهرائي بائيو ميٽرڪ ڪري پئسا ادا ڪن پر سنڌ بئنڪ عملو پئسا ڏيڻ بجائي غريب ماڻهن کي رولي رهيو ۽ لڳي ٿو هي عيد مستحق ڪري نه سگهندا جڏهن ته ان سلسلي ۾ سنڌ بئنڪ بدين جي مئنيجر ڪاشف خواجا رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته هر سال اسين مستحق ماڻهن کي سنڌن ايندڙ رقم ڏيندا رهندا آهيون هر دفعي عشر زڪوات وارن ٿي اهو طريقو چينج ڪري مستحق ماڻهن کي صلاح ڏني آهي ته هو ايڇ بي ايل ڪنيڪٽ فرنچائيز تي وڃي بائيو ميٽرڪ ڪرائين جيڪو پراسس مڪمل ٿيڻ کان پوءِ اها رقم کين ڏني ويندي پر بائيو ميٽرڪ درست نه ٿيڻ ڪري سنڌن ڪارڊ بلاڪ ٿيل آهن جنهن ڪري رقم ڏيڻ ۾ دير ٿي رهي آهي

بقايا 08

سطح تي مناسب پرگهور لهڻ بدران اسانکي شهري ۽ انسان ئي نه ٿو سمجهو وڃي دعا شادي حال ۾ منعقد تقريب ۾ هن وڌيڪ چيو ته اسانجي عزت نفس مجروع ڪرڻ وارا واقعا افسوسناڪ آهن عوامي نمائندا ۽ ڪامورا پاڻ کي " برهمڻ " ۽ اسانکي " شودر " سمجهن ٿا. ريجنل ڊائريڪٽر لاڙڪاڻو زاهده ڪاڪيپوٽو چيو ته اڪيلو ۽ ڪمزور سمجهڻ سان مايوسي وڌندي آهي خاص ماڻهو همت ۽ حوصلي سان اڳتي وڌن ته سمورا مسئلا حل ٿي سگهن ٿا اسان سنڌن ٻانهن ٻيلي آهيون . شاعر اديب ، ڪالمسٽ ۽ شڪارپور ادبي ۽ سماجي فورم جي چيئرمين نسيم بخاري چيو ته مدينه جو گورنر، مصر جو وزير تعليم ۽ پاڪستان جو ٻهريون اسسٽنٽ ڪمشنر نابين شخص هئڻ ثابت ڪري ٿو ته ظاهري ديد تي دل جي ديد ۽ حوصلو ڀاري هوندو آهي ۽ دل جي جذبي سائنس کي به مات ڏني آهي، ڪارڊ جي سي اي او پرويز ابڙو جو چوڻ هو ته نابين ماڻهن همت ۽ خودداري کان ڪم وٺي ثابت ڪيو آهي ته معذوري محتاجي ناهي خاص ماڻهن جي پروگرامن ۾ دعوت باوجود شرڪت ڪي شرم محسوس ڪندڙ ڪردارن جي مذمت ڪيون ٿا ۽ واضح ڪيون ٿا ته جن ماڻهن جي هٿن ۾ اک نه ٿي ٻڌي سي پاڻ ذهني طور تي مفلوج ۽ معذور ماڻهو آهن. ان موقعي تي پاڪستان بلائينڊ ايسوسيئيشن شڪارپور طرفان افطار پارٽي جو بندوبست ڪيو ويو ان تقريب ۾ چائلڊ پروٽيڪشن آفيسر تحسين جتوئي ، اسسٽنٽ ڊائريڪٽر SWD عبدالحليم شيخ ۽ بلائينڊ ايسوسيئيشن جي جنرل سيڪريٽري زوهيب ميراڻي شريڪ ٿيا ان موقعي تي غريب ۽ مسڪين نابينن ۾ راشن.عيد جا جوڙا ۽ عيد جي خرچي ورهائي وئي جڏهن ته نعت ۽ حمد جي پڻ محفل سجائي وئي.

بقايا 09

جي چيف سردار فياض علي خان لنڊ، مير شهريار خان شر، ميان مٺو، مير شهباز خان لنڊ سميت سوين ماڻهن جي شرڪت تفصيل موجب اڳوڻي ايم پي اي، بزدار برادري جي چيف سردار رحيم بخش خان بزدار جي جنازه نماز ڳوٺ ڇاڪر ۾ ادا ڪئي وئي جنهن ۾ پ پ پ جي ايم اين اي سردار علي گوهر خان مهر، صوبائي وزير سردار محمد بخش خان مهر، پ پ پ ايم پي اي راجا خان مهر، اڳوڻو صوبائي وزير عبدالباري خان پتافي، لنڊ برادري جي چيف سردار فياض علي خان لنڊ، مير شهريار خان شر، ميان مٺو، مير شهباز خان لنڊ سميت سوين ماڻهن جي تعداد ۾ علائقي واسي شريڪ ٿيا، هوڏانهن رحيم بخش خان بزدار جي مڙهه کي اباڻي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو آهي. هوڏانهن چيف سردار رحيم بخش خان بزدار جي پوئينرن سان تعزيت جو سلسلو پڻ جاري آهي.

بقايا 10

سنڌس مقرري جي هڪ مهيني دوران علائقي ۾ امن امان تي ضابطو آڻي ڌارين خلاف ڪريڪ ڊائون شروع ڪيو ويو آهي، جنهن تحت 48 جوابدار گرفتار ڪرڻ سان گڏ وڏي مقدار ۾ ڪچي شراب جا ذخيرا ، مين پوڙي گهٽڪي جي تياري جو سامان ، 3 ڦر ڪيل موٽرسائيڪلون برآمد ڪيون ويون آهن . علائقي جي اندر سنڌس مقرري ڪانپوءِ ڪوبه اغوا ۽ ڦرجي وارادات ٿي نه سگهي آهي ، جنهن جي باوجود عيد جي موقعي جي مناسبت سان ٽنڊو محمد خان جي شهري علائقي سان گڏ پرياسي جي ننڍين وڏن شهرن بلڙي شاهه ڪريم ، ٽنڊو غلام حيدر ۾ پڻ پوليس جون پڪٽون قائم ڪري سخت حفاظتي اپاءُ ورتا ويا آهن ڪنهن به علائقي ۾ ڏوهه جي وارادت ٿي ته فوري طور حد جي ايس ايڇ او کي معطل ڪري وڌيڪ ڪاروائي عمل ۾ آندي ويندي ، پريس بريفنگ دوران اها به دعوي ڪئي وئي ته سنڌس مقرري کان اڳ ٿيل وارداتن جي به جانچ ڪئي وڃي پئي جنهن ۾ هندو واپاري ديوان اشوڪ ڪمار جي 10 لک کان وڌيڪ رقم واري ڦرجي وارادات ۾ جوابدارن جي نشاندهي ڪري ورتي آهي جنهن تحت جلد جوابدار گرفتار ڪري عدالت ۾ پيش ڪيا ويندا.

بقايا 11

سيلاءِ اسڪيم کي جلد فعال بڻايو وڃي ته جئين علائقي واسين کي واٽر سپلاءِ جي پاڻي جي فراهمي ممڪن ٿي سگهي هن ڪين اها پڻ هدايت ڪئي ته نواب شاهه ۾ پبلڪ هيلٿ جي جاري ترقياتي اسڪيمن کي جلد مڪمل ڪرڻ سان گڏوگڏ اسڪيمن ۾ معياري مٽيريل استعمال ڪيو وڃي ته جئين انهن عوامي ڀلائي جي اسڪيمن جي مڪمل ٿيڻ سان عوام کي فائدو پهچي سگهي ۽ اهي اسڪيمون وڏي عرصي تائين عوام کي لاڀ ڏئي سگهن ڊپٽي ڪمشنر غريب آباد جي ڊسپوزل تي سولر سسٽم جي جاري ڪم جو پڻ معائنو ڪيو ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر چيو ته ڊسپوزل تي سولر سسٽم لڳڻ ڪانپوءِ غريب آباد ۾ گندي پاڻيءَ جي نيڪال وارو مسئلو حل ٿي ويندو ڪوشش هوندي ته بجلي جي لوڊشيڊنگ کي نظر ۾ رکندي ٻين علائقن جي مين ڊسپوزلز کي پڻ سولر سسٽم تي ڪيو وڃي ته جئين گندو پاڻي آساني سان نيڪال ٿي سگهي ان موقعي تي پبلڪ هيلٿ ڪاتي جي عملدارن پاران نواب شاهه ۾ جاري ترقياتي اسڪيمن بابت ڊپٽي ڪمشنر کي تفصيلي آگاهي ڏني وئي.

بقايا 12

